روزاني
سنڌيار
ڪراچي
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

جلد :11 | ڇنڇر 07 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 20 ربيع الاول 1445ھ | شمارو: 348 | قيمت 10 رپيا

ڪراچي ۾ ڦر دوران شهرين جي قتل ۾ افغانين جي ملوث هجڻ جو انڪشاف

گذريل سال ڪراچي ۾ ڪارروائين دوران گرفتار ڪيل 323 غيرقانوني افغان شهرين کي سندن وطن واپس موڪليو ويو : خادم حسين رند

ڪراچي پوليس، ايف آءِ اي ۽ نادرا سميت ٻين سرڪاري ادارن سان گڏجي غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين خاص طور افغان شهرين خلاف ڀرپور ۽ ون ونڊو آپريشن جي تياري ڪري رهي آهي

آپريشن دوران مختلف آبادين مان گرفتار ڪيل افغان شهرين جي ڊيٽا نادرا ۽ ايف آءِ اي اميگريشن رڪارڊ ۾ چيڪ ڪئي ويندي

غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين کي جيل موڪلڻ بدران هڪ منظم رٿابندي تحت ڊي پورٽ ڪيو ويندو

ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ هر شهري متاثر ٿيو آهي، اسٽريٽ ڪرائم جي وڏين وارداتن ۾ افغاني به ملوث رهيا آهن

ويجهڙ ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ 225 افغان شهرين کين گرفتار ڪيو ويو آهي، جن خلاف مختلف ڪيس داخل ڪري کين جيل پيڙو ڪيو ويو آهي : ڪراچي پوليس چيف جون نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهين

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي پوليس چيف خادم حسين رند چيو آهي ته ڪراچي ۾ ڦر دوران شهرين جي مارجڻ ۾ گهڻي قدر افغاني ٿي ملوث رهيا آهن. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي ڪراچي پوليس چيف خادم حسين رند ٻڌايو ته شهر ۾ غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين جو انگ 4 لک کان وڌيڪ آهي. گذريل سال ڪراچي ۾ ڪارروائين دوران گرفتار ڪيل 323 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ ۾ اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ ڪارروائيون، 15 جوابدار گرفتار

حب چوڪي ۽ جيڪب آباد جي عبدالجبار چيڪ پوسٽ وارن علائقن ۾ ڪارروائيون ڪيون ويون

ڪارروائين دوران 6 هزار 50 لٽر ايراني تيل، سگريٽ، ڪاڏي پيتي وارين نان ڪسٽم پيڊ شين ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو

اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ 2 گاڏيون، هڪ ڪنٽينر، 3 بسون، 8 مزدا، 2 ٽرڪون ۽ هڪ آئل ٽينڪر به تحويل ۾ ورتا ويا

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي: رينجرز سنڌ جي مختلف علائقن ۾ اسمگلنگ جي روڪٿام لاءِ ڪاروايون دوران 15 جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي، رينجرز جي ترجمان موجب حب چوڪي ۽ جيڪب آباد جي عبدالجبار چيڪ پوسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

آءِ ايم ايف شرطون: پاڻ فيڪٽرين لاءِ گئس مهانگي ڪرڻ جو فيصلو

پاڻ فيڪٽرين لاءِ گئس جي قيمت 302 رپين مان وڌائي 580 رپيا ايم ايم بي ٽي يو ڪئي ويندي : ذريعا

فيلڊ اسٽاڪ لاءِ پاڻ مينوفيڪچرز کي في ايم بي بي ٽي يو گئس 1580 رپين ۾ ملندي

اسلام آباد (رپورٽر) حڪومت آءِ ايم ايف شرطن تي پاڻ فيڪٽرين لاءِ هلندڙ مهيني گئس مهانگي ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب، پاڻ فيڪٽرين لاءِ گئس جي قيمت 302 رپين مان وڌائي 580 رپيا ايم ايم بي ٽي يو هوندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ماڙي جلباڻي واقعي جي جڊيشل انڪوائري ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

جسٽس نعمت ڦلپوٽو جي سربراهيءَ ۾ ٻه رڪني بينچ ڪجهه دير ۾ ٻڌڻي شروع ڪندي

سنڌ بار ڪائونسل جي اڳوڻي وائيس چيئرمين ذوالفقار علي جلباڻي پاران درخواست داخل ڪئي وئي

هاءِ ڪورٽ جي حاضر سروس جج جي سربراهيءَ ۾ عدالتي ڪميشن جوڙي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي : درخواست جو متن

ڪراچي (رپورٽر) ماڙي جلباڻي واقعي جي جڊيشل انڪوائري ڪرائڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي وئي. جسٽس نعمت ڦلپوٽو جي سربراهيءَ ۾ ٻه رڪني بينچ ڪجهه دير ۾ ٻڌڻي شروع ڪندي. سنڌ بار ڪائونسل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي 31 آڪٽوبر تائين پاڪستان ڇڏڻو پوندو: مرتضيٰ سولنگي

غيرقانوني پرڏيهين جي گرفتاري ۽ ملڪ نيڪالي يقيني بڻائينداسين

غيرقانوني ۽ پرڏيهين جي نيڪالي ۾ رڳو 25 ڏينهن باقي آهن

افغان پرڏيهي ماڻهن کي حڪومتي پاليسي تحت پنهنجي ڏيهه موڪلي رهيا آهيون

اسلام آباد: نگران سنڌ سماءُ وارو وزير مرتضيٰ سولنگي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد (رپورٽر) نگران سنڌ سماءُ واري وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته غيرقانوني پرڏيهين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عمري جي آڙ ۾ خيرات وٺڻ لاءِ سعودي ويندڙ 2 عورتون ۽ 2 مرد گرفتار

لاهور (م د) عمري جي آڙ ۾ خيرات وٺڻ لاءِ سعودي ويندڙ 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شهباز شريف، بلاول کي پنهنجي دور جو ڪامياب پرڏيهي وزير قرار ڏئي ڇڏيو

پاڪستان ۾ 76 سالن دوران احتساب جو نشانو رڳو سياستدان بڻيا آهن احتساب سڀني لاءِ هجڻ گهرجي: شهباز شريف

12 آڪٽوبر تي نواز شريف ۽ مون کي ٻه ڪيترن ئي مهينن تائين غائب ڪيو ويو هو، اسان جي ٻيرسن والدين کي به خبر نه هئي ته اسان ڪٿي آهيون

اسان کي ملڪ بدر ڪرڻ بعد حمزه کي يرغمال بڻائي رکيو ويو، اسان ته ڪڏهن جي ايچ ڪيو تي حملو نه ڪيو، اسان ته ڪڏهن ڪا شڪايت نه ڪئي

هاڻي بار بار اهو سوال نه ٿيڻ گهرجي ته نواز شريف اچي ٿو يا نه ٿو اچي، نوازشريف 21 آڪٽوبر تي وطن واپس ضرور ايندو

پاناما ۾ مشهور سياستدانن سميت 4 سئو پاڪستانين جا نالا شامل هئا، گوڙ ڪري چيو ويو ته پاناما ۾ سمورن ماڻهن کي سزائون ڏينداسين

نوازشريف کي 2017 ۾ پاناما بدران اقاما ۾ سزا ڏياري وئي شهباز شريف وڌيڪ چيو ته نواز شريف جي وطن واپسيءَ ۾ ڪا به قانوني رنڊڪ نه آهي : لاهور ۾ پريس ڪانفرنس

لاهور(م د) اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان ۾ 76 سالن دوران احتساب جو نشانو رڳو سياستدان بڻيا آهن، احتساب سڀني لاءِ هجڻ گهرجي. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس دوران شهباز شريف چيو ته 12 آڪٽوبر تي نواز شريف ۽ مون کي ٻه ڪيترن ئي مهينن تائين غائب ڪيو ويو هو اسان جي ٻيرسن والدين کي به خبر نه هئي ته اسان ڪٿي هيون، اسان کي ملڪ بدر ڪرڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: اڳوڻو وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ ن جو صدر شهباز شريف پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

رڳو ليڪچرن ۽ تقريرن سان ڪم نه هلندو: مقبول باقر

قومن جي ترقي اسڪولن جي ڪلاس روم مان ٿيندي آهي جنهن لاءِ بهترين استاد ئي سڀ کان وڏو هٿيار هوندو آهي

تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن خاص ڪري استادن کي مبارڪباد ڏيندي

نوجوان نسل کي مقالن، تنقيد، تحقيق ۽ تخليق جي بنياد تي تعليم ڏيڻي پوندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير مقبول باقر چيو آهي ته رڳو ليڪچرن ۽ تقريرن سان ڪم نه هلندو، نوجوان نسل کي مقالن، تنقيد، تحقيق ۽ تخليق جي بنياد تي تعليم ڏيڻ گهرجي هن اهڙو اظهار ڊائريڪٽوريٽ آف پرائيويٽ انسٽيٽيوٽ آف اسڪول ايجوڪيشن پاران ڪرايل استادن جي عالمي ڏهاڙي جي پروگرام کي خطاب ڪندي ڪيو. پروگرام ۾ تعليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

اينڊز سيٽ اپ نگران حڪومت جي فيصلن کي تسليم ڪندو: اسحاق ڊار

هيءَ حڪومت به طرفن فيصلن، معيشت، نجڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر تي فيصلا ڪري سگهي ٿي

اليڪشن ايڪٽ ۾ روزمره جي ڪمن تي قانون سازي ڪئي انڪري اينڊز سيٽ نگران حڪومت جي فيصلن کي تسليم ڪندو

مون ثاقب نثار کان حفاظتي شمانت وٺڻ کان انڪار ڪندي واضح ڪيو هو ته اوهان اسان سان زيادتي ڪئي ۽ پاسپورٽ ڪئنسل ڪيو

اسلام آباد (م د) اڳوڻي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته اينڊز سيٽ اپ نگران حڪومت جي فيصلن کي تسليم ڪندو. اسلام آباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسحاق ڊار چيو ته نگران حڪومت جي روزمره جي ڪمن تي قانون سازي ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اڳوڻو ناڻي وارو وزير اسحاق ڊار ميڊيا سان ڳالهائيندي

نيپرا، ڪراچيءَ جي شهرين تي بجلي بم ڪيرائي ڇڏيو

اوڳاڙيون آڪٽوبر ۽ نومبر 2023ع جي بلن ۾ ڪيون وينديون

ڪي اليڪٽرڪ لاءِ في يونٽ بجلي 1.49 رپين کان 4.45 رپين تائين مهانگي ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) نيپرا ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن لاءِ بجلي چار رپيا 45 پئسن في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نيپرا ڪي اليڪٽرڪ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪندي گذريل مالي سال جي ٻهرين ٽه ماهي ايڊجسٽمينٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ ٻيا سرڪاري ادارا غير قانوني سرگرمين خلاف ڪارروايون جاري رکن: آرمي چيف

آپريشنز سان وسيلن جي چوري ۽ ملڪ کي ٿيندڙ معاشي نقصانن کي روڪيو ويندو : جنرل عاصم منير

رياستي ادارا، حڪومتي ادارا ۽ عوام صوبي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ متحد آهن

آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سان گڏ صوبائي ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

راولپنڊي(م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير هدايت ڪئي آهي ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ ٻيا سرڪاري ادارا غير قانوني سرگرمين خلاف ڪارروايون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

راولپنڊي: آرمي چيف جنرل عاصم منير ايپيڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ ويٺل آهي. سنڌ جو نگران وڏو وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر به ويٺل آهي

خاٽوٽ مان گذريل ڏينهن گم ٿيل نينگر جو تشدد ٿيل لاش هٿ

خاٽوٽ (رپورٽر) حبيب الله مرو وٽ گذريل ڏينهن گم ٿي ويل 7 ورهين جو نينگر علي مرتضيٰ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستاني يوٽيوبر جا راجي ايجنٽ سان رابطا، حساس معاملن تي ڳالهه ٻول ليڪ

مبينه آڊيو ۾ يوٽيوبر ۽ روهت شرما نالي ڀارتي شهري پاڪستان جي سيڪيورٽي معاملن تي گفتگو ڪري رهيا آهن

مبينا آڊيو ۾ ڀارتي شهري روهت شرما چيو ته شايد وفاقي ڪابينا ايمرجنسي لڳائڻ جو چيو آهي

يوٽيوبر چيو ته نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ چيئرمين جوائنٽ چيف، ايئر چيف ۽ نيول چيف حڪم مڃڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (م د) پرڏيهه ۾ رهندڙ يوٽيوبر ۽ ڀارتي شهري جي پاڪستان جي سيڪيورٽي معاملن جي مبينه آڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

منشيات جي ڦهلاءَ ۾ افغانستان جو وڏو ڪردار آهي: يو اين

نيويارڪ(م د) گڏيل قومن جي آفيس آن ڊرگس اينڊ ڪرائم جو چوڻ آهي ته افغانستان دنيا ۾ منشيات جي ڦهلاءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو گڏيل قومن جي آفيس آن ڊرگس اينڊ ڪرائم جي هڪ رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته ايپيٽس انتهاپسند ۽ ڏوهاري گروهن جي آمدني ۾ اربين ڊالرن جو وڏو ذريعو آهي. رپورٽ ۾ خبردار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

سنڌي هاري تحريڪ طرفان افغانين سميت ٻين غير ملڪين کي سنڌ مان نيڪالي ڏيڻ جو مطالبو

حيدرآباد (رپورٽر) سنڌي هاري تحريڪ طرفان 5 نومبر تي جاگيرداري نظام خلاف ميرپور خاص ۾ ريلي ڪئي ويندي ۽ سنڌي هاري تحريڪ جي 49هين سالگرهه 8 آڪٽوبر تي سموري سنڌ ۾ ملهائي ويندي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ سالگرهه جا پروگرام ڪيا ويندا. اهڙو اعلان سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

يوٽيليٽي اسٽورز تي هڪ ڀيرو وري کنڊ جو بحران پيدا ٿي ويو

ڪراچي (م د) يوٽيليٽي اسٽورز تي هڪ ڀيرو وري کنڊ جو بحران پيدا ٿي ويو ذريعن موجب، يوٽيليٽي اسٽورز تي کنڊ جو اسٽاڪ تقريبن ختم ٿي آهي. جڏهن اجا تائين ٽشين خريداري ناهي ٿي سگهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته شهري يوٽيليٽي اسٽورز تي سبسڊي واري سستي کنڊ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

چونڊون شفاف نه ٿيون ته سياستدان ۽ عوام نتيجا نه مڃيندا: سليم مانڊوي والا

ملتان (م د) پ پ جي سينيٽر اڳواڻ ۽ سينيٽر سليم مانڊوي والا جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مڪيش ڪمار چاولا ۽ ٻيا جوابدار خوراڪ کاتي ۾ ڪرپشن واري انڪوائري ۾ گهربل نه آهن: نيب پراسيڪيوٽر

ڪراچي (رپورٽر) نيب پراسيڪيوٽر سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ بيان ڏيندي چيو آهي ته اڳوڻي صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آمريڪا جو ڀارت سان سفارتي لاڳاپا محدود ڪرڻ جو اعلان

واشنگٽن (م د) آمريڪي سفير ايريڪ گارسيٽي ڀارت سان سفارتي لاڳاپا ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ايريڪ گارسيٽي جو چوڻ آهي ته آمريڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

صحافي ۽ عالم شيخ عزيز جي پنجين ورسي اڄ ملهائي ويندي

اڄ پونئرن پاران قرآن خواني بعد قبر تي حاضري ڀري فاتحه ڪئي ويندي

شيخ عزيز صحافت جي شروعات حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ اخبار روزاني ڪاروان کان 1958ع ۾ ڪئي

شيخ عزيز جي حياتيءَ جي تصوير

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي برک صحافي ۽ عالم شيخ عزيز جي پنجين ورسي اڄ سادگيءَ سان مرحوم جي رهائش گاهه گلستان جوهر ۾ ملهائي ويندي. ان حوالي سان پونئرن پاران قرآن خواني بعد قبر تي حاضري ڀري فاتحه ڪئي ويندي. شيخ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

اقتدار جي چڪر ۾ سنڌ جو سودو ڪرڻ نه ڏينداسين: اياز لطيف پليجو

سنڌ ۾ مهانگائي عروج تي آهي، جنهن ڪري مزدور پورهيت ۽ هاري غربت ۽ بدحالي جو شڪار آهي

ناجائز مهانگائي جي ڪري غريب عوام لٽجي رهيو آهي سنڌ حڪومت عوام کان لاتعلق بڻجي وئي آهي

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران مهانگائي، ڪرپشن ،سنڌ جي زمينن تي قبضن، سنڌو درياءَ تي ڏاڙي ،زرعي تباهي،ڪوڙي آدمشماري ،ڌاڙيل راڄ ،نياڻي ۽ صحافين جي قتل، ميرٽ جي تباهي، وسيلن جي نيلامي ۽ ٻين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف اعلان ڪيل ٻڪ هڙتال ڇهين ڏينهن به سڄي ريجن اندر جاري

حيدرآباد، مٽياري، دادو، ڄامشورو، ٺٽو، بدين، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو الهيار ضلعن جي سمورن پريس ڪلبن آڏو ٻڪ هڙتالي جو سلسلو جاري رهيو

يد جان محمد مهر سنڌ جي عوام جو آواز هو، جنهن کي اظهار راءِ جي آزادي جي دشمن قوتن قتل ڪرايو آهي : اڳواڻ

پوليس هن وقت تائين قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، اسان سمجهون ٿا ته شهيد جو خون لوڙهڻ جي سازش ڪئي وئي آهي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ڇهين ڏينهن به شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ حيدرآباد، مٽياري، دادو، ڄامشورو، ٺٽو بدين، ٽنڊو محمد خان ۽ ٽنڊو الهيار ضلعن جي سمورن پريس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حيدرآباد: صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ قلم ڌڻي احتجاج ڪري رهيا آهن

سائفر ڪيس: عدالت پاران پي ٽي آءِ جي درخواست تي جلد فيصلو ٻڌائڻ جو اشارو

پي ٽي آءِ چيئرمين جي جلد فيصلي جي متفرق درخواست تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سائفر ڪيس جو جيل ٽرائل شروع ٿي چڪو آهي: پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل

اسان جي درخواست تي فيصلو ناهي آيو، سومر تي وري جيل ۾ ٻڌڻي لاءِ سائفر ڪيس مقرر آهي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سائفر ڪيس جي جيل ۾ ٽرائل ۽ ٽرائل ڪورٽ جي جج جي مقرريءَ جي حوالي سان پاڪستان تحريڪ انصاف جي درخواست ٻن کان ٽن ڏينهن اندر فيصلو ٻڌائڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو پي ٽي آءِ چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

گهرو کاتو- حڪومت سنڌ

عوامي آگاهي لاءِ اطلاع

حڪومت سنڌ جي طرفان
"سنڌ پرائيويٽ لون ايڪٽ 2023 تي سود جي منع"
جي نالي سان هڪ ايڪٽ ٺاهيو ويو آهي.

هن ايڪٽ جي ذريعي (ايڪٽ ۾ بيان ڪيل حڪومت ۽ مالياتي ادارن کانسواءِ) ڪنهن به ماڻهون يا گروپ کي سود تي ڪار يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ يا پيشگي قرض فراهم ڪرڻ لاءِ ۽ صوبي ۾ سود تي ڏيتي ليتي ڪرڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي.

خلاف ورزي ڪرڻ جي سزا

هن ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪندڙ شخص يا ماڻهن جي گروهه کي ٽي کان ڏهه سال قيد يا ڏهه لک رپيا جرماني جي سزا ڏني ويندي.

هراسان ڪرڻ جي سزا

ڪنهن به شخص يا ماڻهن جي گروهه جي طرفان پنهنجي طور يا ڪنهن به ٻئي ماڻهو جي نالي تي قرض وٺندڙ مقروض کي قرض يا ان جو ڪجهه حصو يا ان تي سود ادا ڪرڻ جي ارادي سان هراسان ڪرڻ جرم آهي جنهن جي سزا پنج سال قيد ۽ پنج لک جرمانو آهي.

شڪايت

اسٽيشن هائوس آفيسر يا جسٽس آف پيس هن ايڪٽ جي تحت جرم جي شڪايت وصول ڪندا ته جيئنب اهڙي شخص يا ماڻهن جي گروهه جي خلاف مقدمو درج ڪيو وڃي.

سود جي ادائيگي هاڻي نه ٿيندي

مٿي ڄاڻايل ايڪٽ جي تحت ڪير به مقروض يا قرض وٺندڙ جيڪو ڪنهن به مقروض سان سودو ڪري ٿو سود جو اهو حصو حذف ڪيو ويندو

اصل رقم جي وضاحت

عدالت جي ذريعي هي ثابت ڪرڻ کانپوءِ ساهوڪار هن ايڪٽ جي تحت جرم ڪيو آهي، ساهوڪار کي ڀهريان ادا ڪيل سود کي اصل رقم جي ادائگي طور سمجهيو ويندو

رقم جي وصولي

جيڪڏهن اهو شخص جنهن کي هن ايڪٽ جي تحت جرمانو ادا ڪرڻو آهي ۽ اهو ناڪام رهي ته:

الف) عدالت رقم حاصل ڪرڻ لاءِ ان ماڻهو جي جائداد وڪرو ڪري سگهي ٿي

ب) جيڪڏهن شق (1) ۾ فراهم ڪيل طريقي تحت رقم وصول نٿي ڪري سگهجي ته عدالت ان شخص کان رقم ادا ڪرڻ جو سرٽيفڪيٽ ٺاهي دستخط سان گڏ ان کي ضلعي جي ڪليڪٽر کي موڪلي سگهي ٿي، ان سرٽيفڪيٽ ۾ بيان ڪيل رقم جي وصولي ضلع ڪليڪٽر ان شخص جي ملڪيت، جائيداد يا رهائش يا ڪاروبار مان ڪندو

گهرو کاتو حڪومت سنڌ

INF-KRY.No:4144/2023

ٺٽي جي سارين جي آبادگارن پاران احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي

فصل جي اگهه ۾ واپارين پاران مسلسل گهٽتائي ۽ غيرقانوني ڪٽوتي خلاف ڌرڻو هنيو ويو

سارين جي واپارين پاران زميندارن کي فصل جو اصلي اگهه ڏيڍ بدران اگهه گهٽايو پيو وڃي : مظاهرين

تنهن هارين جو استحصال بند ڪيو وڃي ۽ سارين جي في مڻ جو اگهه 4500 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ : جاويد لطيف) ٺٽي جي سارين جي آبادگارن پاران فصل جي اگهه ۾ واپارين پاران مسلسل گهٽتائي ۽ غيرقانوني ڪٽوتي خلاف گڏيل ڌرڻو ڪراچي نيشنل هاءِ وي مڪلي بائي پاس روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو جنهن جي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي : ڊپٽي ڪمشنر ڪياماڙي ذخيره
ڪندڙ پنج هزار ڪنڊ جون بوريون چڻن
اسسٽنٽ ڪمشنر حوالي ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽ) سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر ڪياماڙي پاران ذخيرو ڪندڙ پنج هزار ڪنڊ جون بوريون چڻن اسسٽنٽ ڪمشنرن حوالي ڪري ڇڏيو ڊي آفيس ۽ ٻين هنڌن تي اسٽال قائم هڪ سؤ ڏهه رپيا ڪلو جي حوالي سان اداڻي ڪلو جو ٿيلهو شهرين کي ڏنو پيو وڃي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو : آبادگار مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

دادو پوليس جي ڪارروائي، 3 غير مقامي افغاني گرفتار

غيرقانوني افغاني پٺاڻن جي خلاف ضلعي ۾ ڪاروائين جو آغاز ڪيو ويو

ضلعي جي مختلف شهرن ۾ پوليس پاران سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو

دادو (نمائندو سنڌيار) دادو پوليس جي ڪارروائي، غير قانوني رهائشي ماڻهن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي دادو شبير احمد سيٺار جي خاص هدايتن تي غيرقانوني افغاني پٺاڻن جي خلاف ضلعي دادو ۾ ڪاروائين جو آغاز ڪيو ويو آهي ضلعي جي مختلف شهرن ۾ پوليس پاران سرچ آپريشن شروع ڪيو ويو آهي. دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ غيرقانوني رجسٽرڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪنڊڪوٽ ۾ جي اي ايس ٽي ۽ آءِ بي پاس استادن پاران احتجاجي مظاهرو

ميرٽ جي لتاڙ خلاف عزيزالرحمان، رضامحمد، اڪرم باجڪاڻي، فدا محمداڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

جعلي آئوٽ آف ٽرن، سنگل پيپر پروموشن ۽ بغير ڊي پي سي ٽيڇ جي پروموشن ڪيا ويا آهن : مظاهرين

شفاف جاچ ڪرائي ميرٽ جي لتاڙ ڪندڙ ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) پريس ڪلب آڏو 2018 جي اي ايس ٽي آءِ بي پاس استادن پلي ڪارڊ کڻي ميرٽ جي لتاڙ خلاف عزيزالرحمان، رضامحمد، اڪرم باجڪاڻي، فدا محمداڻي ۽ احسان علي جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي هنن چيو ته تعليم کاتي ضلع ڪشمور ڪنڊڪوٽ ۾ ٽيڇنڊڙ جعلي ايچ ايس ٽي پروموشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

مٺياڻي : ناميارو استاد ۽
مشهور شخصيت استاد علي
محمد ملڪ لاڏاڻو ڪري ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٺياڻي: ناميارو استاد، نڪاح ۽ نماز جنازه پڙهائيندڙ مشهور شخصيت استاد علي محمد ملڪ 96 سالن جي عمر ۾ حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم پاڪستان جي آزادي جي تحريڪ جو حصو رهيو ۽ پاڪستان ٺهندي اکين سان ڏٺائين. سندس اصل تعلق نوشهري فيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪنڊڪوٽ : آءِ بي اي پاس استاد احتجاج ڪري رهيا آهن

خاڻوٽ پرسان انسانيت کي لڄائيندڙ واقعو، نينگر زيادتي بعد گهٽا ڏئي قتل

ٻئي ڪلاس جو شاگرد نينگر علي ملاح جو پاڻي جي ٽانڪي مان وحشاڻو تشدد ٿيل ۽ ڪپڙن کان آجو لاش هٿ آيو

نينگر جي ڳچي ۾ رسو ۽ وات ۾ پلاسٽڪ جون ٿيليون پڻ پيل هيون، والد، ماءُ ۽ عزيزن ۾ ڪهرام مچي ويو

اسان جي ڪنهن سان به ڪا دشمني نه هئي، پٽ کي وحشت ۽ انتهائي بي دردي سان قتل ڪيو ويو آهي : وارث

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) خاڻوٽ پرسان انسانيت کي لڄائيندڙ واقعو 7 ورهين جي نينگر کي مبينا ڏاڍائي بعد ڳچي ۾ رسو وات ۾ پلاسٽڪ ڏئي گهٽا ڏئي قتل جوابدار ڪپڙن کان آجو لاش ٽانڪي ۾ اڇلائي فرار گهر ۾ ڪهرام ايس ايس پي ڄامشورو جاءِ واردات تي پهچي ويو قاتلن کي جلد گرفتار ڪرڻ جي خاطري تفصيل موجب خاڻوٽ پرسان حبيب الله موڙ ۾ هڪ ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

غوٿپور ۾ ڳوٺ واحد بخش خان بجاراڻي جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گئس جي عملدارن خلاف ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪيو

گڏيل ڪيترن ئي مهينن کان گئس جي سپلائي هٿرادو بند ڪري رشوت طلب ڪئي وئي هئي : مظاهرين

بغير ميٽر چيڪ ڪرڻ جي گئس عملي پاران هر مهيني ۾ هزارين روپيا گئس جو بل اماڻيو وڃي ٿو، واهر ڪئي وڃي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ۾ ڳوٺ واحد بخش خان بجاراڻي ۾ گئس جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ۽ گئس جي عملدارن خلاف ڳوٺاڻن جو هٿن ۾ گئس جا آيل بل کڻي ابوبڪر پيپ محمد علي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

غوثپور ۾ وياج خور شينل
ڪمار ۽ ڪشور ڪمار خلاف
ڪارروائي عمل نه اچي سگهي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور ايس ايس پي ڪشمور روحل کوسو جي حڪم ڪانهي به وياج خور چوهدري شينل ڪمار ۽ پاءُ ڪشور ڪمار خلاف ڪابه ڪاروائي عمل نه اچي سگهي آهي. ايس ايس پي ڪشمور مير روحل کوسو ۽ اعلي ادارن کي به اپيل آهي ته غوثپور شهر اندر وياج جو ڪم تمام عروج تي هلي رهيو آهي ڪير به ڪنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

غوثپور : ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف مزدور فيڊريشن ۽ سران يونين ورڪز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اٽو، گيهه، کنڊ، چانور ۽ ٻين شين ۾ واڌ سبب پورهيت مهانگائي جي چڪي ۾ پيسجي رهيو آهي : مظاهرين

ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي سبب پورهيت طبقو فاڪا ڪشي ڪٽڻ تي مجبور آهي، غريبن کي رليف ڏنو وڃي

شهدادڪوٽ (ذ ر) شهدادڪوٽ ۾ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف مزدور فيڊريشن ۽ سران يونين ورڪز پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهرين هٿن ۾ ڳاڙها جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ليبر هال کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي پورهيت اڳواڻ ڪامريڊ محمد عرس سيلرو عبدالستار مگنهار، محمد مراد سيلرو، محمد حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

رٽائرڊ ملازمن جي پينشن سميت ٻيا لاڳاپيل معاملا جلد اڪلايا وڃن : ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس

پينشنرن کي سموريون گهربل سهولتون ڏيو انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ ۾ ويجهو رابطو قائم ڪيو وڃي، رٽائرڊ ملازمن جون فهرستون نمايان ڪيون وڃن آهن

اهي پينشنرن کي سموريون گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائين پينشن، ايل پي آر ۽ گريجوئيٽي متعلق جيڪي به ڪيس آهن انهن جي حل لاءِ اپاءَ ورتا وڃن

کلي ڪچهري دوران ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر سکر حضور بخش ميمڻ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس سکر جي پينشن ۽ ٻين مسئلن تي بريفنگ ڏني

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) رٽائرڊ ملازمن جي پينشن سميت ٻيا لاڳاپيل معاملا جلد اڪلايا وڃن: ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس. پينشنرن کي سموريون گهربل سهولتون ڏيو انهيءَ سلسلي ۾ پاڻ ۾ ويجهو رابطو قائم ڪيو وڃي. ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس سکر رٽائرڊ ملازمن جون فهرستون نمايان ڪيون وڃن آهنانهن سيني جا ڪيس ترتيبوار اڪلايا ويندا ايڊيشنل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز : ايس ڊي او
سيپڪو فدا حسين پتو گرڊ
اسٽيشن پرياروڊ پهچي ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايس ڊي او سيپڪو فدا حسين پتو گرڊ اسٽيشن پرياروڊ پهچي ويو ان موقعي تي پرياروڊ جي ڪاروباري شخصيت محمد يعقوب ڪيريو نذير اختر آرائين ديوان راجيش برٿا توانا ۽ ٻين ٻاران پرياروڊ شهر اندر 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ ٿيڻ بابت ڳالهيون ڪيون هنن چيو ته 20 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سکر : کلي ڪچهري دوران اڳواڻ ويٺل آهن

بدين پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون، 4 ڄڻا گرفتار

گلاب لغاري پوليس ڇاپو هڻي گهنشام ميگهواڙ کي 10 ليٽر شراب سميت گرفتار ڪري ورتو

پوليس منشيات جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار مولا بخش چانڊيو کي گرفتار ڪري ورتو

ڪڍڻ پوليس روپوش جوابدارن الهڏنو چانڊيو ۽ مهر علي ملاح کي گرفتار ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين پوليس جون مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري چئن روپوشن سميت 11 ڄڻن کي گرفتار ڪري وڏي مقدار ۾ شراب هزارين سفينا گهٽڪا برآمد ڪري ورتا تفصيل موجب ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران منشيات ۽ روپوشن خلاف مهم ۾ انچارج سي آءِ آءِ شفيع محمد گولو ڪڙيو گهنور جي حد ۾ ڇاپو هڻي ياسين خاصخيلي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

پ پ عام چونڊن ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪندي : سائين بخش بنگلاڻي

ڪورنگي ۾ پ پ جوڙ ۽ ڪورنگي جو عوام پيپلزپارٽي سان محبت ڪري ٿو

پاڪستان محبت ڪندڙ ملڪ آهي، ڪجهه دشمن ملڪ خلاف سازشون ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) پ پ ڪورنگي جي اڳواڻ سائين بخش بنگلاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي عام چونڊن ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪندي. ڪراچي جي علائقي مهراڻ ڳوٺ ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي سائين بخش بنگلاڻي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ 40 جوڙن جي شاندار اجتماعي شادي تقريب

ڪيترن مذهبي اڳواڻن ۽ گهوٽن، ڪنوارين ۽ سنڌن وارثن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪرڻ اسان جو فرض بڻجي ٿو : محمد يوسف حسيني

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) اصغريه آرگنائيزيشن پاڪستان ضلعي نوشهروفيروز جي زير انتظام سيف فائونڊيشن ڪنڊيارو جي تعاون سان چند شادي هال نوشهروفيروز ۾ 40 جوڙن جي شاندار اجتماعي شادي تقريب جي گڏجي جهڙن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز : اجتماعي شادي واري تقريب جو ڏيک

کانواهڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي دستوري گڏجاڻي

گڏجاڻي جا مهمان خاص نجم الدين ٻانيڻ ۽ وزير علي سهتو هئا

ڪهاڻي سميت ٻين تخليقڪارن پنهنجون نڪور تخليقون اصلاح لاءِ پيش

کانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) کانواهڻ ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ جي دستوري گڏجاڻي سينئر شاعر ۽ صحافي عاجز امتياز نوح پوٽو جي اوطاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر پاران مختلف علائقن جو دورو

ڊي ايچ او پوليو ٽيمن جي موجودگي ۽ سندن ڪارڪردگي جو جائزو ورتو

هي قومي فريضو آهي، اسان کي عملي طور حصو وٺڻ کپي : ڊاڪٽر صفدر علي شاهه

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر سيد صفدر علي شاهه ضلعي ۾ هلندڙ پوليو مهم جي نگراني لاءِ مختلف علائقن جو دورو ڪري پوليو ٽيمن جي موجودگي ۽ سندن ڪارڪردگي جو جائزو ورتو. ان موقعي تي هن مختلف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سجاول ۾ جمعت علماءِ اسلام ضلعي اڳواڻن جو اجلاس

ضلعي مان امن جو پکي اڏامي ويو آهي ڏينهن رات ڦرجو آزار آهي : اڳواڻ

اسان مطالبو ٿا ڪريون ته سجاول ضلعي ۾ امن قائم ڪرائي عوام کي جيئڻ ڏنو وڃي

سجاول (ذ ر) جمعت علماءِ اسلام ضلعي سجاول جي مجلس عامله ۽ تعلقن جي اميرن ۽ ناظم عمومي صاحبان جو گڏيل اجلاس مدرسه هاشميه سجاول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سجاول : اجلاس دوران اڳواڻ ويٺل آهن

شهدادڪوٽ ۾ موٽر سائيڪل ۽ ويگو گاڏي ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت

حادثي جي نتيجي ۾ 45 ورهين جو محمد مراد مگسي فوت ٿي ويو

ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، گهر پهچڻ تي ڪهرام

شهدادڪوٽ (ذ ر) شهدادڪوٽ بلوچستان جي علائقي ۾ موٽرسائيڪل ۽ ويگو گاڏي ٽڪر هڪ ڄڻو فوت ٿي ويو هڪ ڄڻو ٿي شهدادڪوٽ بلوچستان جي علائقي باريجا ويجهو ملو موڙ وٽ ويگو ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 45/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

جهڏو ۾ عورت پاران پيءُ سان گڏ مڙس جي ظلمن خلاف احتجاج

ساهرا مونکي مختلف طريقن سان تنگ ڪري مائٽن کان پئسا گهرڻ لاءِ مجبور ڪندا هئا : عورت

نوٽيس وٺي ظالم مڙس خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ عورت جو پيءُ سان گڏ مڙس جي ظلمن خلاف احتجاج. جهڏو لڳ ڳوٺ جيوڻ خان چانڊيو جي رهواسي 27 سالا ناري اجني پنهنجي پيءُ ويرسي ڪولهي سان گڏجي ميڊيا سينٽر جهڏو تي احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جهڏو : عورت پيءُ سميت ساهرن خلاف احتجاج ڪري رهي آهي

سرحد ۾ بجلي چورن خلاف سيپڪو اختيارين جو آپريشن، ڪيس داخل

ٽن ڄڻن تي بجلي چوري جو ڪيس داخل، ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا

آپريشن شروع ڪيو ويو آهي بجلي جي چوري ڪي ڪنهن به صورت قبول نه ڪبو : عملدار

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد ۾ بجلي چورن خلاف سيپڪو اختيارين جو آپريشن. ٽن ڄڻن تي بجلي چوري جو ڪيس داخل. ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪٽيا ويا. خبرموجب سرحد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ بجلي چورن ۽ بجلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽون ديرو ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب

يوٽليٽي اسٽور ۾ ٻه نا معلوم هٿيار بند منهن ته ٻنا ٻڌي تشدد ڪري ڦر ڪري ويا

اطلاع باوجود پوليس پاران جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪا به ڪاروائي ناهي ڪئي وئي

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پتي) ٺٽون ديرو ۾ امن امان جي صورتحال ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وڃي ڏينهن ڏٺي جو ٺٽون ديرو شڪر مل روڊ تي قائم يوٽليٽي اسٽور ۾ ٻه نا معلوم هٿيار بند منهن ته ٻنا ٻڌي اندر داخل ٿي پيا ۽ اسٽور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

شڪارپور ۾ صحافيءَ جي گهر متان باٿرن پاران قبضي جي ڪوشش برقرار

جوابدارن جون پاڻرن کي موتمار ڌمڪيون، ڪيس داخل هئڻ باوجود پوليس تحرڪ نه ورتو

نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي : متاثر

شڪارپور (ذ ر) شڪارپور ۾ صحافيءَ جي گهر متان باٿرن پاران ڪيل قبضي جي ڪوشش برقرار جوابدارن جون سنڌس پاڻرن کي موتمار ڌمڪيون، ڪيس داخل هئڻ باوجود پوليس تحرڪ نه ورتو. متاثرن جو احتجاج تحفظ ۽ انصاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

شڪارپور : متاثر باٿرن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج جاري

جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڇهين ڏينهن احتجاج طور علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو

گهوٽڪي جي وزير جوابدارن کي 15 ڏينهن ۾ گرفتار ڪرڻ واري ڪراچي ۾ ڪيل اعلان تي ڪو به عمل نه ٿي سگهيو آهي : مظاهرين

قتل ڪيس جا جوابدار شهيد جان محمد مهر جي وارثن کي ڪيس تان دستبردار ڪرڻ لاءِ خراسان جون ڌمڪيون ملي رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان (ذ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڇهين ڏينهن احتجاج طور علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو. ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

بلڙي شاهه ڪريم مان لکين رپين جي
منشيات برآمد ٿيڻ جي ڪيس ۾ گرفتار
جوابدار 14 ڏينهن جي ريمانڊ تي جيل حوالي

ٽنڊو محمد خان (ذ ر مظفر علي بروهي) بلڙي شاهه ڪريم مان پوليس چيڪنگ دوران ڪارگو گاڏي سان گڏ لکين رپين جي ماليت جي مين پڙي گهٽڪي، سفيد جي تياري واري سامان سان گڏ 5 جوابدارن هر هڪ بلاول راجپوت، عمران، شهباز، وقاص ۽ بابر کي پوليس ٽنڊو محمد خان جي عدالت ۾ ريمانڊ لاءِ پيش ڪيو، عدالتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ٽنڊو محمد خان : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٺٽي ۾ اسڪولز ۽ ڪالجز وومين فيسٽيول سپر ليگ منعقد

ڪاسيپٽ، پرفيڪٽ اسڪول جي ٽيمن سان گڏ پري گرلس فٽ بال ڪلب جي ٽيمن حصو ورتو

پڄاڻي تي فتح حاصل ڪندڙ ٽيم مخدوم گرلس فٽبال اڪيڊمي کي وننگ ٽرافي ڏني وئي

ٺٽو (رپورٽ جاويد لطيف ميمڻ) گڏيل ڏينهن ٺٽي ضلعي جي هيڊڪوارٽر مڪلي جي هڪ نجي هال جي گرائونڊ تي ٺٽي جد مخدوم گرلس فٽ بال اڪيڊمي پاران هڪ ڏينهن جو ليگ فٽ بال ٽورنامنٽ سوينٽ آل پاڪستان اسڪولز ۽ ڪالجز رومين فيسٽيول سپر ليگ سال 24 ـ 23 جي سلسلي ۾ برٽش اسپورٽس مينيجمنٽ جي تعاون سان منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ مختلف اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر : شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

54 ڏينهن به سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي بک هڙتال جاري رکيو، سخت نعريبازي

پوليس مک جوابدار گرفتار ناهن ڪيا، سرڪار ۽ پوليس جي اهڙي عمل جي جيتري به مذمت ڪجي گهٽ آهي : مظاهرين

شهيد بهادر صحافي شهيد جان محمد مهر جي اصل قاتلن کي زنده حالت ۾ گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا 54 ڏينهن به سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب ٻاهران احتجاجي بک هڙتال جاري، سول سوسائٽي جي شرڪت، قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي وئي احتجاج جي اڳواڻي ايس يو جي جي صدر امداد بزدار، سيڪريٽري سيد احقر رضوي، سکر پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سرحد پرسان ڳوٺاڻي جي
گهرڪي ڪاٽ، سون، روڪ
رقم ۽ قيمتي سامان چوري

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد پرسان ڳوٺاڻي جي گهر کي ڪاٽ، سون، روڪ رقم ۽ قيمتي سامان چوري، پوليس ۽ پاڳيا پيروڪٽي چورن پٺيان روانا، متاثرن پاران سامان جي واپسي جو مطالبو، خبرموجب سرحد ٿاڻي جي حد ڳوٺ ديهه چنگل مهر ۾ نامعلوم چورن ڳوٺاڻي ربنواز مهر جي گهر کي ڪاٽ هڻي گهر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

پيروسڻ واسڻ ناري کي باٿر وڏيري پاران پوڙهي شخص سان زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش

ڳوٺ پيربخش جلالاڻي جي رهواسڻ مسمات مهناز جلالاڻي پنهنجي ماءُ مسمات ماروي ۽ پيءُ سڄڻ جلالاڻي سان گڏ احتجاج ڪيو

باٿر وڏيرو منهنجي وارثن ۽ منهنجي بغير مرضي جي زبردستي هڪ پوڙهي شخص ارشاد جلالاڻي سان شادي ڪرائڻ چاهي ٿو : ناري

منهنجي شادي کان انڪار ڪرڻ تي باٿر مونکي ۽ منهنجي ماءُ پيءُ سميت پوري خاندان کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي

ٽري ميرواهه (رپورٽر) پيروسڻ واسڻ ناري کي باٿر وڏيري پاران پوڙهي شخص سان زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ناري جو والدين سميت احتجاج انصاف جي اپيل. خبر موجب پيروسڻ ٿاڻي جي حد ڳوٺ پيربخش جلالاڻي جي رهواسڻ مسمات مهناز جلالاڻي پنهنجي ماءُ مسمات ماروي ۽ پيءُ سڄڻ جلالاڻي سان گڏ صحافين آڏو دانهيندي چيو ته ڳوٺ جو باٿر وڏيرو بچل خان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڪنڊڪوٽ ۾ ڪنٽريڪٽرز ايسوسيئيشن پاران ريٽ روائيز ۽ انڪريمينٽ نه ملڻ خلاف احتجاج، نعريبازي

حسين گولاٽو، عبدالفتاح تيغاڻي، عبدالرزاق مزاري، امداد حسين بنگوار، الياس احمد سومرو، محبوب بنگوار ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ پراڻا ريٽ ملن ٿا، ٺيڪيدار خساري ۾ آهن. سيمينٽ بجري ۽ سرن سميت تمام شين جا ريٽ ٻيڻا ٽيڻا ٿي ويا آهن : مظاهرين

سنڌ کان علاوه ٻين صوبن ۾ ريٽ روائيز ڪيا ويا آهن ۽ انڪريمينٽ به ڏنا وڃن ٿا، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ امداد بنگوار) ڪنڊڪوٽ گورنمينٽ ڪنٽريڪٽرز ايسوسيئيشن پاران ريٽ روائيز ۽ انڪريمينٽ نه ملڻ خلاف احتجاج. احتجاجي مظاهري جي قيادت امير حسين گولاٽو، عبدالفتاح تيغاڻي، عبدالرزاق مزاري، امداد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

مٺياڻي پرسان ڳوٺ نياز علي
مشوري واسي اوچتو بجلي جي موٽر
مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٺياڻي پرسان ڳوٺ نياز علي مشوري واسي گاهه جي ڪترهندي اوچتو بجلي جي موٽر سان ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان دلبر علي مشوري سخت زخمي ٿي پيو ڪيس ڳنڀير هجڻ جي حالت ۾ اسپتال نيو پئي ويو ته رستي ۾ فوت ٿي ويو. سندس لاش گهر پهچڻ تي وارثن کي بيهوشي جا دورا. سندس گهر ۾ ڪهرام متل هو

ڪنڊڪوٽ : گورنمينٽ ڪنٽريڪٽرز ايسوسيئيشن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڏوڪري پرسان ڳوٺ سامٽيا ۾ ميمڻ برادري پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

اسان ميمڻ برادري جي معزز غلام رسول ميمڻ کي برادري سميت پ پ ۾ شموليت ڪرڻ تي ڀليڪار چئون ٿا : غلام مرتضيٰ خان ٻگهيو

ميمڻ برادري جي ماڻهن اسان تي اعتماد جي اظهار تي سندن جا ٿورائتا آهيون، مخالفن جي ضمانت ضبط ٿي وئي آهي

پ پ تعلقي انفارميشن سيڪريٽري ۽ يوسي ڪاراٽي چيئرمين ايڊووڪيٽ محمد جمن ٻگهيو ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان ڳوٺ سامٽيا ۾ ميمڻ برادري پاران پاڪستان پيپلزپارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو. ڏوڪري تعلقي جي يوسي ٽاٽوڙي ايٽ سامٽيا جي ڳوٺ خير محمد ميمڻ ۾ غلام رسول ميمڻ پاران پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻي ايم پي اي حزب خان ٻگهيو پ پ ضلعي نائب صدر محمد علي ٻگهيو، ميمبر ضلعي ڪائونسل لاڙڪاڻو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گمبٽ : ميونسپل ڪاميٽي ۽ پبلڪ هيلٿ جي نااهلي خلاف احتجاج، سخت نعريبازي

شهر پنهنجون تاريخي رونقون وڃائي ويٺو، دي سمائيل فائونڊيشن ۽ پ پ ش پ پاران احتجاج ڪيو ويو

آئيني ۽ قانوني طور تي لوڪل گورنمينٽ توڙي پبلڪ هيلٿ کي حساب ڪتاب ۽ ملازمن جو تفصيل پبلڪ ڪرڻ کپي : مظاهرين

ميونسپل ڪاميٽي گمبٽ توڙي پبلڪ هيلٿ عوام جي ٽيڪس جا پئسا هڙپ ڪري شهر کي مڪمل تباهه ڪيو آهي

گمبٽ (رپورٽر) ميونسپل ڪاميٽي گمبٽ ۽ پبلڪ هيلٿ جي نااهلي بجيت کي خرد برد ڪرڻ ۽ ادارن جي خرچ ۽ آمدني جا تفصيل پبلڪ نه ڪرڻ خلاف دي سمائيل فائونڊيشن ۽ پ پ شهيد ڀٽو پاران انصاف لا چيمبر کان پريس ڪلب گمبٽ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو. ميڙاڪي کي خطاب ڪندي دي سمائيل فائونڊيشن جي چيئرمين ۽ سڄاڻ وڪيل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سکر ۾ آل سنڌ پٽي برادري جي
سردار الاهي بخش عرف انيل پٽي
جي اڳواڻي ۾ تقريب ڪوٺائي وئي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آل سنڌ پٽي برادري جي سردار الاهي بخش عرف انيل پٽي جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب ۾ هڪ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ پٽي برادري جي معززين سميت سنڌ جي مختلف ضلعن مان پٽي برادري جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. برادري جا صلاحڪار مقرر ڪيا ويا ۽ ڪين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

گمبٽ : پ پ ش پ پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

نواب شاهه ۾ صحت، تعليم ۽ پبلڪ هيلٿ بابت قائم ڊسٽرڪٽ انسپيڪشن ٽيم جو هڪ اجلاس

اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪاليجز عبدالستار پيرزادو، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري، ايم ايس پي ايم سي اسپتال ڊاڪٽر عقيل قريشي ۽ ٻين جي شرڪت

سنڌ حڪومت پاران صحت، تعليم ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتن جي انسپيڪشن ۽ سهولتن جي فراهمي لاءِ هر کاتي جي ضلع انسپيڪشن ٽيم جي ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي : اي ڊي سي

جيڪا پنهنجي پنهنجي کاتن جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ ۽ مسئلن جي حل لاءِ قدم کڻندي، فارميٽ تحت هفتي وار رپورٽ ڪميٽي جي ٽيم ليڊر وٽ جمع ڪرائي ويندي

نواب شاهه (رپورٽر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنرون شهيد بينظيرآباد دلشاد احمد عمراڻي جي صدارت هيٺ صحت، تعليم ۽ پبلڪ هيلٿ بابت قائم ڊسٽرڪٽ انسپيڪشن ٽيم جو هڪ اجلاس ڊي سي آفيس جي دربارهال ۾ ٿي گذريو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر دلشاد احمد عمراڻي چيو ته سنڌ حڪومت پاران صحت، تعليم ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سمر پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 07 آڪٽوبر 2023ع

احتجاج جا ٻيا به طريقا ٿي سگهن ٿا

سڄي دنيا پوليو کان پاڪ ٿي وئي آهي پر پاڪستان ۽ افغانستان پوليو مان جند ڇڏائي نه سگهيا آهن. ايئن چوڻ به غلط نه ٿيندو ته افغانستان ۽ پاڪستان پوليو جي جند ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن. سڄي دنيا جون نظرون انهن ٻن ملڪن تي آهن ۽ گڏيل قومن جي اداري کي انتظار آهي ته اهي ٻئي ملڪ پوليو کان پاڪ ٿين ته سڄي دنيا کي "پوليو فري" قرار ڏجي پر اهي ٻئي ملڪ پوليو کان پاڪ ٿي ناهن سگهيا. مختلف وقتن تي پوليو جا نوان نوان ڪيس ظاهر ٿيندا رهيا آهن ۽ اهو سلسلو بيهندي نظر نٿو اچي. توڙي جو گڏيل قومن جي اداري سميت عالمي برادريءَ جو پاڪستان تي دٻاءُ به گهڻو آهي، جنهنڪري منتظمين به تمام گهڻو پريشان آهن ۽ هن حساس مسئلي کي ماڻهن طرفان به غلط نموني استعمال ڪيو پيو وڃي. مختلف وقتن تي ماڻهن طرفان پوليو جا ڦڙا پيارڻ واري عمل کي پنهنجن مسئلن جي حل سان مشروط ڪرڻ ۽ احتجاج طور پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار جون خبرون سامهون اينديون رهيون آهن. اهڙيون ئي ٻه خبرون ڪالهوڪي "پنهنجي اخبار" ۾ به ڇپيون آهن. بدين ضلعي جي سيراڻي پرسان ڳوٺ منو خان رند جي رهواسين اسڪول ۾ استاد مقرر نه هجڻ، ٽنڊي باگي ويجهو ڇهن ڳوٺن جي رهواسين ڳوٺن مان برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيڻ ۽ فريد آباد ۾ ٻوڏ متاثرن واهر نه ٿيڻ تي پوليو مهم جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ انهن پنهنجن ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

هونئن ته سڄي ملڪ جي انتظامي سرزمين ٻٽ ۽ بنجر بڻيل آهي، جتي سٺي انتظام ۽ اعليٰ ڪارڪردگيءَ جا سلانتا ڦٽن پر خاص طور تي سنڌ جي حالت بنهه خراب آهي. انتظاميا عوامي مسئلن کان مڪمل طور تي لاتعلق بڻيل رهندي آهي. عوام مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪري ٿو پر ان تي به ڌيان نٿو ڏنو وڃي. جو منتظمين "احتجاج پروف" آهن. انهن تي عوامي احتجاج جو ڪو به اثر نٿو ٿئي. دنيا جي ملڪن ۾ اتي جي انتظاميا عوامي مسئلن جي حوالي سان احتجاج جي نوبت ئي اچڻ نٿي ڏئي پر جي احتجاج ٿين ٿا ته به عوام جي مزاج جي موسم جو اندازو احتجاجن مان لڳايو وڃي ٿو ۽ ان جي بنياد تي ترت مسئلا حل ڪيا وڃن ٿا ته جيئن ڪو انتظامي مسئلو نه بڻجي پر اسان سڄي دنيا کان نرالا آهيون، هتي عوام جي احتجاجن کي به نئوڊيٺي سان نظرانداز ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪري ماڻهو پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ انتظاميا جي ڪا ڪمزوري ڳولهي ٿا وٺن. هن ڀيري پوليو جا ڦڙا پنهنجن ٻارڙن کي پيارڻ کي انهن پنهنجن مسئلن جي حل سان مشروط ڪري ڇڏيو آهي، پر ان عمل جي ڪنهن به تشريح ۽ تاويل سان حمايت نٿي ڪري سگهجي، ڇو ته ان سان نه صرف ملڪ جي بدنامي ٿيندي پر پوليو مان نجات واري مقصد کان به اسان پري ٿي ويندا سين. سنڌ ۾ ڪٿي به پوليو ويڪسين جي مخالفت ۽ مزاحمت نٿي ٿئي. ڪجهه سال اڳ اهڙا ڪجهه واقعا سنڌ جي گاديءَ واري شهر ڪراچي جي افغانين جي وسندين ۾ ٿيا هئا پر سنڌ جي ٻين ضلعن مان مجموعي طور تي ڪا به رنڊڪ نٿي وڌي وڃي، توڙي جو جن مسئلن جي حل لاءِ احتجاج ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ: اسڪول ۾ استاد جي مقرري، ڳوٺن مان برساتي پاڻي نيڪال ڪرڻ يا وري ٻوڏ متاثرن طرفان واهر نه ٿيڻ – اهي سڀ جائز مسئلا آهن، جيڪي مسئلا نه اڳوڻي چونڊيل حڪومت حل ڪيا ۽ نه ئي وري نگران حڪمرانن اهي حل ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. جيڪڏهن مسئلا حل ٿين ته عوامي احتجاجن جي نوبت ئي ڇو اچي؟ انتظاميا پاڻ عوام جي مسئلن کان لاتعلقي اختيار ڪري احتجاجن جي ترغيب ڏيئي رهي آهي.

اسان ان راءِ جا آهيون ته ماڻهن کي به ڌاهپ ۽ تدبر کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ احتجاج جا ٻيا طريقا به ٿي سگهن ٿا، باقي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار درست طريقو نه آهي. انتظاميا کي به گهرجي ته عوام جا مسئلا ترت حل ڪيا وڃن ته جيئن احتجاج جي نوبت نه اچي.

صحافت ۽ اڄڪلهه جي سوشل ميڊيا جو استعمال

عبدالاحد گهنجو

عام طور تي اسان جي معاشري ۾ ايئن ٿيندو اهي ته جڏهن به ڪا طاقت يا ادارو جيڪو حق ۽ سچ جي لاءِ ڪم ڪري ۽ پنهنجي آواز اٿاري ٿو ان جي طاقت ۽ آواز دٻائي ويندي اهي جيئن اهو اڳتي هلي انقلاب جي صورت اختيار نه ڪري وڃي - اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ اظهار جي آزادي جو حق اسان کي پنهنجي ملڪي آيين ڏنو آهي ۽ اظهار جي آزادي اسان کي سهي طريقي سان تڏهن ملي ٿي جڏهن ميڊيا يا پريس جهڙو هٿيار اسان جي آواز کي مٿي اعلي ايوانن تائين چڱي نموني پهچاي ٿو .صحافت هڪ اهڙو شعبو آهي جيڪو قومن جي تقدير بدلاي سگهي ٿو ۽ هن شعبي سان لاڳاپيل ماڻهو هر طبقي سان تعلق رکندڙ فرد جي آواز کي بلند ڪري سگهي ٿو - پر افسوس اسان جي ملڪ ۾ هميشه انهي مقدس ۽ فلاحي شعبي سان زيادتي ڪيي ويي آهي ۽ صحافين جي زبان بلند ٿيڻ کان پهريان ڪٽي ويي آهي - جيڪڏهن هڪ جايزو وٺنداسين تاريخ ۾ صحافت جي ڪاري دور جو ته اسان کي خبر پوندي ته پاڪستان ملڪ وجود ۾ اچڻ سان يي صحافت جو ڪارو دور شروع ٿي چڪو هو- ڇو جو اسان جو ملڪ پهريان يي ڪيترن يي مسلن جو شڪار ٿي ويو هو جنهن ۾ سياسي پوچال آييني پوچال جمهوريت جو جنازو ڊڪٽيٽرشپ مارشلايون ۽ مذهبي مسايل جڻ ته ملڪ کي سيوي وانگر کايي ويا هيا ۽ اهڙي حالت ۾ آزاد صحافت کي پنهنجو وجود برقرار رکڻ به ڏاڍو ڏکيو پيجي ويو هو ۽ ايين يي ٿيو جو جنرل ايوب خان اچڻ سان يي ملڪ ۾ مارشلا نافذ ڪري ڇڏي ۽ صحافت کي به محدود ڪري ڇڏيايين ۽ پي پي او نالي هڪ آرڊيننس پاس ڪيايين جنهن تحت ملڪ ۾ صحافت کي قانوني زنجيرن ۾ ٻڌي بيوس ڪري ڇڏيايين ۽ جنهن ۾ عوام جو آواز پنهنجي جاءِ تي رهيو صحافي پنهنجو آواز به بلند نه ڪري سگهندا هيا اهڙي طرح اسان جي جمهوري ملڪ ۾ صحافت کي شروع ۾ يي دٻايو ويو ۽ صحافت کي دٻائڻ جو مطلب يعني جمهوريت کي دٻائڻ جي برابر هو. بحرحال اهو سلسلو جنرل ايوب خان جي دور حڪومت تايين نه رهيو بلڪي اڳتي به صحافت کي دٻائڻ جي ريت کي ملڪ ۾ قايم رکيو ويو ان ڪانپوءِ ڀٽو صاحب جي به دور حڪومت ۾ اهو ساڳيو آرڊيننس برقرار رکيو ويو ۽ ٽي وي ۽ پريس وارن کي هر آزادي کان محروم رکيو ويو. انهيءَ وقت ۾ ٽي وي کي مڪمل طرح حڪومت جي نگراني هيٺ هلڻون پئجي ويو. مطلب ته ڀٽو صاحب جي هر سرگرمي کي انهيءَ وقت جي پي ٽي وي چئنل کي دلون يا اڻ دلون ڪوريج ڏيڻي پئي ۽ پريس وارا جڻ ته پاڻ کي قيدي محسوس ڪرڻ لڳا. ۽ ان ڪانپوءِ ڊڪٽيٽر جنرل ضياالحق جو دور شروع ٿيو جيڪو صحافت ۽ صحافين لاِ ملڪي تاريخ جو ڪاري ۾ ڪارو دور ثابت ٿيو ڇو جو ان دور ۾ جيڪڏهن ڪجهه صحافي اظهار جي آزادي لاِ ۽ پريس جي آزادي لاِ آواز اٿاريندا هيا ته انهن صحافين کي سرعام ڪوڙا هنيا ويندا هيا انهن کي جيل حوالي ڪيو ويندو هيو ۽ انهن جي مٿان هر قسم جو تشدد پڻ ڪيو ويندو هيو ۽ اهو هڪ آمريت جو دور هيو ۽ جڏهن انهيَ ڪاري دور جي پڄاڻي ٿي ته صحافين سمجهو هاڻي شايد ڪجهه چين جو ساهه کڻي سگهون پر ايين ممڪن ٿيڻو يي نه هيو ۽ وقت گذرڻ سان گڏ 90 جي ڏهاڪي ۾ به انهيَ ريت کي برقرار رکيو ويو صحافت کي پنهنجن پيرن تي نه بيهڻ ڏنو ويو پر جڏهن جنرل پرويز مشرف جو دور آيو تڏهن پيمرا جو ادارو ٺهيو جنهن جي زريعي نيين مختلف ٽي وي چينلن جنم ورتو ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا کي ڪافي شهرت به ملي پر وقت گزرڻ سان گڏ نيوز چينل به سياست ۽ سرڪاري حڪم نامي تي هلڻ لڳا هر نيوز چينل پنهنجي سياسي پارٽي کي سپورٽ ڪندي خبران هلايڻ شروع ٿي ويو ۽ ڪافي ملڪي مسايل کي نظرانداز ڪرڻ لڳو - اصل ۾ ميڊيا کي رياست جوچوٿون ٿنڀ چوندا آهن ۽ هو هڪ خود مختيار ادارو آهي پر هر دور ۾ سرڪار ۽ سياستدان پاران ان تي ڪنٽرول ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي وئي آهي. پر جيڪڏهن اڄ اسان جديد دور جو جائزو وٺنداسين ته اڄڪلهه سوشل ميڊيا پوري ملڪ ۾ ڇانئجي وئي آهي.

سوشل ميڊيا جو استعمال ماڻهن جي لاءِ بلڪل آسان ٿي پيو آهي اڄ هر ڪنهن وٽ پنهنجو موبائل فون ٿي پيو آهي جنهن ذريعي اڄڪلهه هر ماڻهو پنهنجون مرضي جون وڊيوز ناهي ٿو پنهنجي مرضيءَ جو ڳالهائي ٿو ۽ تبصرا ڪري ٿو يا جنهن کي بدنام ڪرڻ چاهي به آساني سان ڪري سگهي ٿو يا ڪنهن کي هيرو بڻائڻ چاهي به اهو ڪم آساني سان سوشل ميڊيا ذريعي ڪري سگهي ٿو ۽ اڄڪلهه سوشل ميڊيا کي هلائڻ وارا يا ان کي ڏسڻ وارا ان جي هر خبر تي بغير تصديق ڪئي جلدي يقين ڪري ٿا وٺن ۽ اهو عمل اسان جي نوجوان نسل کي اڳتي وڌڻ بجاءِ صرف پوئتي ڌڪي رهيو آهي. اسان جي ملڪ ۾ جڏهن پرنٽ ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا جو عروج هيو ته ان وقت ۾ ميڊيا کي ڪافي پريشانين کي منهن ڏيڻو پيو ۽ ان دور جي ميڊيا پنهنجي حساب سان ڪم نه ڪري سگهي. پر اڄ جڏهن سوشل ميڊيا هر ماڻهو جي استعمال ۾ عام ٿي وئي آهي ته اسان جا ماڻهو خود ان جو غلط فائدو وٺي رهيا آهن. پر جيڪڏهن اصل ۾ اسان چاهيون ته سوشل ميڊيا جو صحيح استعمال ڪري آساني سان پنهنجي ملڪ ۾ سماجي سڄاڳي آڻي سگهون ٿا ۽ ڪافي مثبت تبديلي به آڻي سگهون ٿا. پر افسوس اسان جا نوجوان انهيءَ کي پنهنجي اهڙن مقصدن لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن جنهن جو ڪو به فائدو اسان جي معاشري کي نٿو ملي. پر جيڪڏهن اڄ جي جديد دور ۾ صحافت کي سوشل ميڊيا ذريعي آزادي ملي آهي ته پوءِ ان کي ڪنهن چڱي مقصد لاءِ استعمال ڪيو وڃي ته پوءِ سوشل ميڊيا جي لاءِ به هڪ اهڙو قانون جوڙيو وڃي جنهن ذريعي اگر ڪو ان جو غلط استعمال ڪري ته ان کي سخت ۾ سخت سزا ڏني وڃي.

تو جنِين جي تاتِ، تن پڻ آهي تنهنجي؛
'فَاذڪُرُونِي اَذڪُر ڪُم'، اِيَ پَرُوڙِج باتِ؛
هَٿِ ڪاتي ڳُڙ واتِ، پُڇَڻُ پَرِ پِرِين جي.

سنڌ جو عظيم اڳواڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي

طفيل مگسي

هن محبوب سونهاري، عظيم ۽ مقدس ڌرتي تي ذات جي ذات ڏٺين پنهنجي علم و ادب، تجربي ومشاهدي جي بنياد تي روشن جاٽيون ٻاري جنگ، جبر ڏاڍ، غلامي ۽ ڏمر جهڙين گهڪ اونداهين کي ساڙي خاڪ ۾ تبديل ڪرڻ جي لاءِ سدائين پئي جنگ جوٽي آهي، هر شريف، باشعور ۽ با ضمير انسان انهن جنگين ۾ مظلوم و محڪوم ۽ مسڪين واپوڇ ماڻهن جو پٺي ساٿ ڏنو آهي ۽ انهن جنگين جا جرنيل جتي انقلابي شاعر، اديب، قلم ڏئي رهيا آهن ته اتي ڌرتي ماتا جي سياسي اڳواڻن پڻ اهو ساڳيوئي ڪردار ادا ڪيو آهي. جن منجهان هڪ عظيم ڪردار بابا سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جو پڻ آهي.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي وقت جو اهو انقلابي ۽ ويڙهو ڌرتي جو پٽ ۽ هن قوم جو بابا هو جنهن کي اڄ جا نه صرف پنهنجا بلڪ پراوا دشمن سياستدان پڻ مڃي ۽ احترام ڪري رهيا آهن حيدر بخش جتوئي جنهن جي لاءِ ان وقت جي عظيم مارڪس وادي انقلابي مرحوم ڪامريڊ جام ساقي چيو هو ته

ويڙهو پٽ وريام جا وڙهندو رهجائن ودڙهه ۾
ماڙن توڙي مڪيا سهمين سرخ سلام
هر گهٽي هر گام نعرا تنهنجي نانءَ جا.

اهڙا ويڙهو ۽ سرويچ ۽ جوڌا جوان هر گهٽي ۽ هر گام تي ڳايا ويندا آهن جوت هو حق ۽ سچ، سونهن ۽ صداقت واري جنگ ۾ مظلومن ومحڪومن جا پرجهلو ساٿاري ۽ رهبر هوندا آهن ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي نه صرف سياسي بنياد تي جدوجهد ڪئي بلڪ هن پنهنجي روح جي تهن ۾ گهري ودينڙ شاعري جي ذريعي به هارين جي مظلوميت ۽ جاگيردارن جي سمورين بڇڙائين کي پنهنجي شاعري ۾ واڪو ڪري سنڌ منحوس چهرن ۽ ڪارن ڪرتوتن کي عالم آشڪار ڪري هارين جي هلايل جدوجهد کي هٿي ڏني، سندس شاعري اڄ سوڙ غريب ۽ مسڪين پورهيت جي جذبي جي ترجمان آهي.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي پنهنجي سياسي سجاڳي سان گڏ وگڏ پنهنجي شاعري جي ذريعي گهر گهر ڳائجڻ لڳو هارين جي جلسن ۾ ڪامريڊ جا ٻول جذبن جا سمنڊ اٿلائي ڇڏيندا هئا. سندس تحريڪ صدين پراڻي جاگيرداري ۽ زميندار سرشي ۾ رڏا وڏا ڏار وڌا ۽ سندس بنياد ڌوڏي وڌا سندس سڄي شاعري ۾ سائنسي شعور جوڌهين جي چنڊ جيان چمڪي رهيو آهي. تڏهن ئي ته ڪٿي به قومي تنگ نظري جو شڪار ٿيندي ڏنگ کان ڏنگ رڏين ۽ ظالمن زميندارن پيرن ۽ ميرن مان رتي جيترو ڪون ڏيکاريو آهي. ڪيس سنڌن رت ۾ قوم لاءِ محبت ۽ ڌرتي لاءِ چاهت ڪون محسوس ٿي، هن ڌرتي ڏٺي وڏي واقعي بار بار چيو ته انهن جو دين ڌرم، قوم ۽ وطن دولت ۽ قرلت آهي تڏهن ته هو هنن سان سخت نفرت ٿو ڏيکاري، سندس جدوجهد جو پيو مورچو "امن لاءِ ۽ انسانيت جي بقا جو مورچو هو هن جي نمائين اکين جي اڳيان ڌرتي جون سرسبز جهوپڙيون، ڪکاوان گهر معصوم ٻارڙا ۽ بيگناه انسان ٻي عالمي جنگ جي خوفناڪ ٻارڻ طور ٿي ڪم اچي رهيا هئا. منٽن ۾ پريل پاندا پينگ ٿي رهيا هئا ۽ ميلن تي ٻئي رڪ اڏامي، انسان جي سونهن قوم ۽ ڌرتي جي بقاءَ لاءِ انهي ۾ هئي ته جنگ جو انت امن جو اچو ڦيرو "گهرگهو" ڪري ٻرڙا پڪيڙي جنگ جا ڪارا ڪڪر اڏائي ڪينجهر ۽ منڇر جهڙو نيرو آڪاش اجرو ڪري ڇڏي، اها جنگ ڪالهه حيدر وڙهي هئي ۽ اڄ ان کي پوري جوش، جذبي، ايمانداري ۽ بهادري سان اسان کي وڙهڻي آهي ليڪن اڄ جو ديو ڏاڍو پرتئو آهي، هن وٽ ايٽم بم ۽ ايف سورهن ايترا ته آهن جو انهن جي استعمال سان هيءَ دنيا هزارين ڀيرا برباد ۽ تباهه ڪري سگهجي ٿي ۽ اهو جنگ جو ديو عالمي سامراج آهي، جنهن لاءِ هر باضمير انسان دوست وٽ نفرتن جو جو سمنڊ اٿل پٿل ڪائيندو نظر اچي رهيو آهي عقل کان عاري شعور کان ٻي شعور ماڻهن لاءِ هي جرض آهي ته جي ٽين عالمي جنگ لڳي ته پوءِ قومون ته آزاد ڪون ٿينديون پر اهو ضرور ٿيندو ته هي ڌرتي بني نوع جي بار کان هميشه جي لاءِ آزاد ٿي ويندي، جڏهن ڪن ماڻهن جون اکيون اهو سڀ ڪجهه ڏسڻ کان انڌيون آهن ۽ هو انسانن جا طالب نه بلڪ ڌرتي جا طالب آهن ته پوءِ هي ڌرتي ته رهندي پر ڌرتي تي انسانيت نه هوندي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جنهن پنهنجي ڪليڪٽري واري دور ۾ هارين پورهيتن سان جاگيردارن ۽ زميندارن جي ظلمن کي پنهنجين اکين سان ڏٺو ۽ هن کي انهي نظام منجهان گهٽ وپوسٽ محسوس ٿي، جنهن سبب هن پنهنجي نوڪري کان استيعفي ڏني ۽ مڪمل طور تي هارين جي حقن جي جدوجهد جي لاءِ چيله سان سندرو ٻڌي ميدان تي لهي پيو ان وقت جاگيردار يا زميندار هاري کي سندس پورهئي جو ٽيون حصو ڏيندو هو جنهن جي خلاف هن ڏکهي جدوجهد ڪري جاگيردارن ۽ زميندارن کي مجبور ڪيو ته هاري کي سندس پورهئي منجهان اڌ ڏنو وڃي، نيٺ جاگيردار مجبور ٿيا ۽ اڌ ٻٽائي ڏيڻ تي راضي ٿيا، جڏهن حيدر بخش جتوئي جو دور هئو ته ان وقت وونٽر لسٽون اردو ۾ شايع ٿينديون هيون حيدربخش ان خلاف پڻ ڀرپور جدوجهد ڪئي ۽ نيٺ وقت جا حڪمران گوڏا کوڙڻ تي مجبور ٿيا ۽ وونٽر لسٽون سنڌي ۾ ڇپجڻ لڳيون، اهڙي ريت سنڌ جي ريلوي اسٽيشنن تي صرف اردو ۽ انگريزي ٻولي لکي ويندي هئي، ان جي خلاف به ڪامريڊ جي جدوجهد رنگ لاتو ۽ هر اسٽيشن تي اردو ۽ انگريزي سان گڏ سنڌي ٻولي پڻ لکي وئي، جڏهن ايوب جي ننگي آمريت قائم ٿي ته هن جلاد صفت ٻين قومين کي ختم ڪري ون يونٽ قائم ڪري ڇڏيو ۽ انهي ون يونٽ جي خلاف جيڪو حيدر بخش جتوئي ڪردار ادا ڪيو ان جو مثال تاريخ جو هڪ باب بڻجي ويو مظلومن ۽ محڪومن جي حقن خاطر هن مرد مجاهد مڃ جيل جون به صحبتون سڌون مگر ڪنهن جي اڳيان ڪنڌ نه جهڪايائين پنهنجي زمين ڪيترن ئي هارين ۾ تقسيم ڪيائين ۽ ان وقت تائين ميدان عمل ۾ رهيو جيستائين هو زنده رهيو حق ۽ باطل جي جنگ وڙهندو وڙهندو رهيو ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جنهن اڄوڪي ڏينهن يعني 7 آڪٽومبر 1901ع ۾ تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ بکو ديرو ۾ جنم ورتو.

بقايا 01 ***

ڪئي وئي آهي برطانوي ڊاڪٽر جي رپورٽ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته نواز شريف کي اڃا تائين دل جي عارضي ۾ مبتلا آهي، شوگر ۽ ٻين بيمارين سبب ڪيس پاڪستان ۽ لنڊن ۾ مسلسل فالو اپ جي ضرورت آهي، رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته ماضيءَ جي باءِ پاس سرجري ۽ انجيو پلاسٽي سبب نواز شريف جو لاڳاتار طبي معائنو ڪيو، اسان نواز شريف جي ٻيهرين اينٽي اينجنل ٿراپي جي بهتري لاءِ علاج ڪيو، نواز شريف کي انجائنا علامتن ۽ ڪورونا سبب پاڪستان وڃڻ کان روڪيو ويو هو رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بيماريءَ جون علامتون وڌي ويون آهن، اسان نواز شريف جي انجيو پلاسٽي ٻيهر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، نواز شريف جي انجيو پلاسٽي نومبر 2022ع ۾ ڪئي وئي، ان دوران نواز شريف کي اسٽنٽ به وڌا ويا، ياد رهي ته اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف 21 آڪٽوبر تي ڏيهه وڃڻ جو اعلان ڪيو هو جنهن لاءِ ن ليگ سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آهن.

بقايا 02 ***

آهي گذريل سال ڪراچي ۾ ڪارروائين دوران گرفتار ڪيل 323 غيرقانوني افغان شهرين کي سندن وطن واپس موڪليو ويو جڏهن ته هلندڙ سال گذريل هڪ مهيني دوران گرفتار 1547 افغان شهرين کي ڊي پورٽ ڪري چڪا آهيون. سندس چوڻ هو ته ڪراچي پوليس، ايف آءِ اي ۽ نادرا سميت ٻين سرڪاري ادارن سان گڏجي غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين خاص طور افغان شهرين خلاف ڀرپور ۽ ون ونڊو آپريشن جي تياري ڪري رهي آهي. آپريشن دوران مختلف آبادين مان گرفتار ڪيل افغان شهرين جي ڊيٽا نادرا ۽ ايف آءِ اي اميگريشن رڪارڊ ۾ چيڪ ڪئي ويندي ۽ پوءِ غيرقانوني طور رهندڙ افغان شهرين کي جيل موڪلڻ بدران هڪ منظم رٿابندي تحت ڊي پورٽ ڪيو ويندو. ڪراچي پوليس چيف انڪشاف ڪيو ته ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ هر شهري متاثر ٿيو آهي، اسٽريٽ ڪرائم جي وڏين وارداتن ۾ افغاني به ملوث رهيا آهن. هن وڌيڪ انڪشاف ڪندي چيو ته ڦر دوران شهرين جي مارجڻ ۾ گهڻي قدر افغاني ئي ملوث رهيا آهن سندس چوڻ هو ته ويجهڙ ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۾ 225 افغان شهرين کين گرفتار ڪيو ويو آهي، جن خلاف مختلف ڪيس داخل ڪري کين جيل پيڙو ڪيو ويو آهي، هن وڌيڪ چيو ته ڪراچي پوليس جي نشين ٽيم جون ڪارروائيون سٺا نتيجا ڏئي رهيون آهن، گذريل مهيني ڪراچي ۾ پوليس مقابلن دوران 20 کان وڌيڪ جوابدار مارايا ويا جڏهن ته 130 کان وڌيڪ زخمي ۽ 600 ڌوهاري گرفتار ٿي چڪا آهن.

بقايا 03 ***

جي گرفتاري ۽ ملڪ نيڪالي يقيني بڻائيندا سين.
هڪ بيان ۾ نگران سنڌ سماءِ واري وزير چيو ته غيرقانوني ۽ پرڏيهين جي نيڪالي ۾ رڳو 25 ڏينهن باقي آهن، غيرقانوني پرڏيهين کي 31 آڪٽوبر تائين پاڪستان ڇڏڻو پوندو، هن چيو ته غيرقانوني پرڏيهين جي گرفتاري ۽ ملڪ نيڪالي يقيني بڻائينداسين. افغان پرڏيهي ماڻهن کي حڪومتي پاليسي تحت پنهنجي ڏيهه موڪلي رهيا آهيون.

بقايا 04 ***

. ايف آءِ اي جي اينٽي هيومن ٽريفڪنگ سرڪل لاهور ڪارروائي ڪندي 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو جن ۾ 2 عورتون ۽ 2 مرد گرفتار ٿي ويا. ايف آءِ اي ٻڌايو ته جوابدارن کي ايف آءِ اي اميگريشن لاهور ايئرپورٽ تي آف لوڊ ڪيو.

جوابدار پنن لاءِ ڪيترائي ڀيرا سعودي عرب، ايران ۽ عراق وڃي چڪا آهن. جوابدارن کي سعودي عرب پهچڻ تي پاڪستاني ايجنٽن طرفان آجيان ڪرڻي هئي. ترجمان موجب خيرات ذريعي ڪمايل رقم جو اڌ حصو ايجنٽ کي ڏنو وڃي ها. ترجمان موجب جوابدارن ۽ ايجنٽن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 05 ***

حمزه کي يرغمال بڻائي رکيو ويو. اسان ته ڪڏهن جي ايچ ڪيو تي حملو نه ڪيو. اسان ته ڪڏهن ڪا شڪايت نه ڪئي شهباز شريف چيو ته هاڻي بار بار اهو سوال نه ٿيڻ گهرجي ته نواز شريف اچي ٿو يا نه ٿو اچي. نوازشريف 21 آڪٽوبر تي وطن واپس ضرور ايندو هن چيو ته پاناما ۾ مشهور سياستدانن سميت 4 سئو پاڪستانين جا نالا شامل هئا. گڏ ڪري چيو ويو ته پاناما ۾ سمورن ماڻهن کي سزائون ڏينداسين. نواز شريف کي 2017 ۾ پاناما بدران اقاما ۾ سزا ڏياري وئي شهباز شريف وڌيڪ چيو ته نواز شريف جي وطن واپسيءَ ۾ ڪا به قانوني رنڊڪ نه آهي ٻئي پاسي اڳوڻي وزيراعظم ۽ پاڪستان مسلم ليگ ن جي صدر شهباز شريف ب ب چيئرمين بلاول ڀٽو جي واڪاڻ ڪئي ۽ ڪيس پنهنجي دور جو ڪامياب پرڏيهي وزير قرار ڏئي ڇڏيو لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شهباز شريف جو چوڻ هو ته بلاول ڀٽو پنهنجي پيپلزپارٽي جو چيئرمين آهي. اسان جي سياست ڌار ڌار آهي. پر اسان جي وچ ۾ عزت احترام جو هڪ رشتو آهي. هونئين پاڻ جيان آهي. هن چيو ته بلاول سندس دور جو ڪامياب پرڏيهي وزير هو. هن وڏي محنت ڪئي، ساڻس جلد ملاقات ڪندي ۽ فري اينڊ فيئر اليڪشن بابت ڳالهيون ڪنداسين. پريس ڪانفرنس دوران صحافي جي هڪ سوال تي شباز شريف چيو ته هو پڇندو پڇندو ته پر جهاز تي لنڊن ويو هو جنهن ٺهڪڙو مچي ويو اڳوڻي وزيراعظم چيو ته اهو سوال هر هر نه پڇڻ گهرجي ته نواز شريف ايندو يا نه. سندس پاسي ۾ ڪائي قانوني رنڊڪ نه آهي. هن چيو ته قانوني ماهرن نواز شريف کي ڏيهه واپسي لاءِ گرين سگنل ڏئي ڇڏيو آهي هو 21 آڪٽوبر تي ايندو ۽ مينار پاڪستان تي جلسي کي خطاب ڪندو.

هن چيو ته 12 آڪٽوبر تي ڪيس ۽ نواز شريف کي ڪيئي مهينن لاءِ گرفتار ڪيو ويو. اسان تي جي ايچ ڪيو تي حملو نه ڪيو. معاهدا ڪيون ها ته نواز شريف کي جيل نه ڪاٽڻا پون ها. رياست بچي وئي ته سياست به بچي ويندي. شهباز شريف جو چوڻ هو ته 16 مهينن ۾ مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ۽ ڪوشش ڪئي. موٽر سائيڪل جي سستي پيٽرول لاءِ مطالبو آءِ ايم ايف نه مڃيو. آءِ ايم ايف اڏو اسان جا هٿ ٻڌل هئا. گهٻرائڻ ۽ پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي سٺو وقت اچڻ وارو آهي.

بقايا 06 ***

واري وفاقي وزير مدد علي سنڌي، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن شيرين ناريجو، پرائيويٽ اسڪولن جي رجسٽرار رفيعه ملاح ۽ ٻين شرڪت ڪئي. نگران وڏي وزير چيو ته قومن جي ترقي اسڪولن جي ڪلاس روم مان ٿيندي آهي جنهن لاءِ بهترين استاد ئي سڀ کان وڏو هٿيار هوندو آهي. هن چيو ته ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته دنيا جو نقشو ڪلاس روم ۾ جڙندو ۽ مڪمل ٿيندو آهي جڏهن ته ڪلاس روم جو دارومدار هڪ سٺي استاد تي هوندو آهي. وڏي وزير چيو ته اڄوڪو ڏينهن دنيا سان گڏ بيهڻ لاءِ سٺا استاد پيدا ڪرڻ جو آهي. تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل سمورن ماڻهن خاص ڪري استادن کي مبارڪباد ڏيندي

هن چيو ته اڄوڪي ڏينهن تي اسان کي نوجوانن جي ذهني صلاحيت سان گڏ جسماني تندرستي، جذباتي ۽ سماجي ترقيءَ سان گڏوگڏ سٺي اخلاق جي لاءِ هڪ مضبوط حڪمت عملي تيار ڪرڻي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ليڪچرن، خطبن ۽ تقريرن سان ڪم نه هلندو، نوجوان نسل کي مقالن، تنقيد، تحقيق ۽ تخليق جي بنياد تي تعليم ڏيڻي پوندي.

بقايا 07 ***

جي جلد فيصلي جي متفرق درخواست تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ٻڌائي ڪئي، ان سلسلي ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان وڪيل شير افضل مروت ايڊووڪيٽ پيش ٿيو ٻڌائي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سائفر ڪيس جو جيل ٽرائل شروع ٿي چڪو آهي پر اسان جي درخواست تي فيصلو ناهي آيو، سومر تي وري جيل ۾ ٻڌائي لاءِ سائفر ڪيس مقرر آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو ته جيل ٽرائل ۽ جج جي مقرريءَ خلاف پي ٽي آءِ جي درخواست تي فيصلو ٻڌايان کان محفوظ آهي. سومر تائين نه پر ٻن ٽن ڏينهن اندر فيصلو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. چيف جسٽس عامر فاروق جو وڪيل شير افضل مروت سان مڪالمو ڪندي چوڻ هو ته هڪ ڳالهه ٻڌايو ميڊيا ۾ خبرون هلي رهيون آهن ته اڊيالا جيل منتقلي تي اوهان کي اعتراض آهي، اوهان جي پنهنجي پٽيشن اٽڪ کان اڊيالا جيل منتقلي جي هئي ۽ اها منظور ٿي، پوءِ اهو ميڊيا ۾ اوهان جي طران ايڏو بحث ڇو هلي رهيو آهي؟ شير افضل مروت ايڊووڪيٽ چيو ته اسان جي طرفان آفيشل طور اهڙو ڪو بيان ناهي ڏنو ويو وڪيل شير افضل مروت چيو ته اسان کي اها خبر هئي ته اڊيالا جيل ۾ بي ڪلاس ڏنو ويندو پر نه ڏنو ويو. جنهن تي جسٽس عامر فاروق چيو ته بهتر ڪلاس ملندو، ڪوسا صاحب جي ڪالهه واري پٽيشن تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا 08 ***

جاري رکڻ پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪراچي جو دورو ڪيو ۽ سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سان گڏ صوبائي ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي، آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ايپڪس ڪميٽي جي اجلاس ۾ آرمي چيف کي نظرثاني ٿيل نيشنل ايڪشن پلان ۽ سنڌ جي ڪچ واري علائقي ۾ آپريشن بابت بريفنگ ڏني وئي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته آرمي چيف کي سي پيڪ ۽ ٻين منصوبن تي ڪم ڪندڙ پرڏيهين جي سڪيورٽي ۽ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي واپس آڻڻ لاءِ ڪنيل قدمن بابت بريفنگ ڏني وئي، آءِ ايس پي آر موجب جنرل عاصم منير کي پرڏيهي مٽا سٽا جي ريگيولائيزيشن قدمن، ڪراچي ٽرانسفارميشن پلان، ايس آءِ ايف سي جي قدمن تي اڳڀرائي کان آگاهه ڪيو ويو ان موقعي تي آرمي چيف جو چوڻ هو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ۽ ٻيا سرڪاري ادارا غير قانوني سرگرمين خلاف آپريشن جاري رکڻ. آپريشنز سان وسيلن جي چوري ۽ ملڪ کي ٿيندڙ معاشي نقصانن کي روڪيو ويندو هن سمورن لاڳاپيل ڪاٿن جي وچ ۾ گڏيل تعاون جي اهميت تي زور ڏنو ايپڪس ڪميٽي جي شرڪت ڪندڙن چيو ته رياستي ادارا، حڪومتي ادارا ۽ عوام صوبي جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ متحد آهن.

بقايا 09 ***

وئي چيو ته ڪو ملڪ 6.7 مهينا نگران سيٽ اپ کي رڳو حاضري لڳائڻ تائين محدود نه ٿو ڪري سگهي، هيءَ حڪومت به طرفن فيصلن، معيشت، نجڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر تي فيصلا ڪري سگهي ٿي. اليڪشن ايڪٽ ۾ روز جي ڪمن تي قانون سازي ڪئي انڪري اينڊڙ سيٽ نگران حڪومت جي فيصلن کي تسليم ڪندو اڳوڻي ناڻي واري وزير چيو ته نواز شريف جي ڏيهه واپسي تي ضمانت لاءِ اپلاءِ ڪنداسين. مون ثاقب نثار کان حفاظتي شمانت وٺڻ کان انڪار ڪندي واضح ڪيو هو ته اوهان اسان سان زيادتي ڪئي ۽ پاسپورٽ ڪينسل ڪيس اسحاق ڊار جو چوڻ هو ته سيپٽيمبر 2022ع ۾ اچي چيو هو ته ڊالر جي قيمت 200 کان گهٽ هوندي. هن وقت ڊالر جي حقيقي ويليو 250 رپيا آهي. هن وڌيڪ چيو ته سيني کي گڏجي ڪم ڪرڻو آهي. ڪا به قوت مون کي ناڪام ڏسڻ نه پئي چاهي. 2017ع کان پاڪستان اڳتي وڌي رهيو هو. ساڍن ٽن سالن دوران اسان پاڪستان کي ايشيا ۾ اڳتي آندو. هن چيو ته جيڪڏهن ڊرٽون نه لڳي ها ته ملڪي معيشت وڌيڪ بهتر هجي ها. پاڪستان 5 سالن ۾ پاناما ڊرامي سبب 47 هين اڪانومي بڻجي وئي. سيني کي گڏجي پاڪستان کي هاڻي جي ٽوئنٽي جو ميمبر بڻائڻ لاءِ پتوڙڻ گهرجي.

بقايا 10 ***

جي مد ۾ في يونٽ اگهه ۾ واڌ جي منظوري ڏني نيپرا موجب، ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن کان اضافي اوڳاڙيون آڪٽوبر ۽ نومبر 2023ع جي بلن ۾ ڪيون وينديون. ڪي اليڪٽرڪ لاءِ في يونٽ بجلي 1.49 رپين کان 4.45 رپين تائين مهانگي ڪئي وئي آهي، نيپرا جي منظوري جي فوري بعد حڪومت به ڪي اليڪٽرڪ واهپيدارن لاءِ بجلي جي اگهه ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو

بقايا 11 ***

رجحان ڏسڻ ۾ آيو. ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن انٽربينڪ ۾ ڊالر جو ملهه هڪ رپيا گهٽ ٿي 282 رپيا 62 پئسا جو ٿي ويو آهي جيڪو گذريل ڪاروباري ڏينهن جي پڄاڻي تي 283 رپيا 62 پئسا هو اوپن مارڪيٽ ۾ به ڊالر جي ملهه ۾ 2 رپيا گهٽتائي ٿي آهي جنهن بعد ڊالر 282 رپين جو ٿي ويو آهي. پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ به ڪاروبار جو هاڪاري رجحان ڏسڻ ۾ آيو ۽ هنڊريڊ انڊيڪس 92 پوائنٽس جي اضافي سان 47 هزار 544 تي ٽريڊ ڪري رهيو آهي.

بقايا 12 ***

ٻي صورت ۾ سخت ڪارروائي جو اعلان ڪري ڇڏيو لاهور ۾ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي چيو ته پنجاب ۾ رهندڙ پرڏيهين جو ابتدائي ڊيٽا تيار ڪيو ويو آهي، هنن چيو ته پنجاب ۾ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي پاڻ ئي واپس هليا وڃن. ڪنهن به غير قانوني پرڏيهي کي پنجاب ۾ رهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي، جيڪڏهن پرڏيهي پاڻ ئي واپس نه ويا ته انهن خلاف سخت ڪريڪ ڊائون ڪيو ويندو. پنجاب جي نگران وڏي وزير صوبي ۾ زيرتعمير ۽ التوا ۾ پيل منصوبن بابت ڳالهائيندي چيو ته شاهدرا فلائي اوور منصوبو تيزي سان مڪمل ٿي رهيو آهي، هر ڪوشش ڪندا ته بند روڊ منصوبي کي 120 ڏينهن اڳ مڪمل ڪيو وڃي. بند روڊ منصوبي جا پنهي پيڪيجز آهن. هڪ ئي وقت شروع ٿي ويا آهن هن چيو ته راولپنڊي ۾ رنگ روڊ سميت التوا ۾ رکيل درجنو منصوبا شروع ڪيا ويندا. راولپنڊي جا منصوبا 90 کان 180 ڏينهن ۾ مڪمل ڪيا ويندا. رنگ روڊ جو هڪ حصو جلد مڪمل ڪيو ويندو، محسن نقوي چيو ته گوجرانوالا، فيصل آباد ۽ راولپنڊي ۾ سيف سٽي منصوبو هڪ ئي وقت 150 ڏينهن ۾ مڪمل ڪيو ويندو، ميڊيا سان ڳالهائيندي هن اهو به ٻڌايو ته اسڪولن کي بند ڪرڻ سان ڪانجيڪٽوائٽس جي ڪيسن ۾ واضح گهٽتائي آئي آهي.

بقايا 13 ***

وارن علائقن ۾ ڪارروائيون ڪيون ويون. ڪارروائين دوران 6 هزار 50 لٽر ايراني تيل، سگريٽ، ڪاڏي پيتي واريون نان ڪسٽم پيڊ شيون ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو ويو اسمگلنگ ۾ استعمال ٿيندڙ 2 گاڏيون، هڪ ڪنٽينر، 3 بسون، 8 مزدا، 2 ٽرڪون ۽ هڪ آئل ٽينڪر به تحويل ۾ ورتا ويا. گرفتار ڪيل جوابدارن کي وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ هٿ آيل سامان سوڌو ڪسٽم اختيارين جي حوالي ڪيو ويو.

بقايا 14 ***

اڳوڻي وائيس چيئرمين ذوالفقار علي جلباڻي پاران داخل ڪرايل درخواست ۾ چيو ويو آهي ته هاءِ ڪورٽ جي حاضر سروس جج جي سربراهيءَ ۾ عدالتي ڪميشن جوڙي واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. فائرنگ ڪري ڳوٺاڻن کي ماريندڙ اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين گرفتار ڪرڻ جي به استدعا ڪئي وئي.

بقايا 15 ***

پٽ نعيم ملاح جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو، اڳ ڄاڻايل جوابدارن معصوم ٻار مرتضيٰ ملاح جي گهڃيءَ ۾ اڳٺ وجهي قاهو ڏئي ماريو بعد سندس لاش برف جي ڪارخاني ۾ اڇلايو گذريل شام وارثن نينگر مرتضيٰ ملاح جي گم ٿيڻ جو پوليس کي اطلاع ڏنو هو پوليس نينگر جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪري ڏني، معصوم ٻارڙي جي بيدردي سان قتل واقعي ۽ لاش گهر پهچڻ تي تهرام مچي ويو. وارثن طرفان واقعي جي جاچ جو مطالبو ڪيو

بقايا 16 ***

ڪلبن آڏو بک هڙتالي جو سلسلو جاري رهيو، ان موقعي تي پي ايف يو جي، جي مرڪزي اڳواڻ لالا رحمان سمون، ايچ يو جي صدر اقبال ملاح، جنرل سيڪريٽري جئي پرڪاش موراڻي، خزانچي جاني خاصخيلي، ايڊووڪيٽ اسلم لغاري، ايڊووڪيٽ ذوالفقار ٿيٻو، سينئر صحافين وفا رضا، ارشاد چنا، فاصل چنا، راشد لغاري، ساجد علي خان، اديب ۽ شاعر ديدار شاد گوپانگ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد جان محمد مهر سنڌ جي عوام جو آواز هو جنهن کي

اظهار راءِ جي آزادي جي دشمن قوتون قتل ڪرايو آهي. هنن چيو ته پوليس هن وقت تائين قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي، اسان سمجهون ٿا ته شهيد جو خون لوڙهڻ جي سازش ڪئي وئي آهي، جنهن کي سنڌ جا صحافي ڪڏهن به ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندا. بک هڙتالي ڪئمپ تي سينئر صحافي منصور مري، اعجاز لغاري، نياز وگهيو، اشوڪ راماڻي، منير ناراڻي، ونود ڪمار، امتياز ڪوسو، امام علي پلاٽي، نويد قائمخاني، اعجاز مگسي ۽ ٻيا وڏي انگ ۾ موجود هئا. هوڏانهن ايچ يو جي، جي سڏ تي ايچ يو جي داوو يونٽ پاران ايچ يو جي مرڪزي نائب صدر ولي محمد لنڊ، ضلعي صدر گلڻ خان پنڊ، راجه ياسين ڪوريجو، ايچ يو جي جامشورو يونٽ پاران پريس ڪلب آڏو تنظيم جي ضلعي صدر قربان پنهور، اسماعيل باريجو ڏني بخش باريجو، ايچ يو جي ٽنڊو محمد خان يونٽ پاران رمضان شورو، غلام قادر شورو، مظفرزند، ايچ يو جي بدين يونٽ پاران تنظيم جي مرڪزي سينئر نائب صدر حاجي خالد محمود گهمن، لالا هارون گوپانگ، شفيع محمد جوڻيجو، ايچ يو جي مٽياري يونٽ پاران پٽ شاهه پريس ڪلب آڏو تنظيم جي ضلعي صدر رجب بوزدار، علي قاسم، امتياز علي ابڙو، ايچ يو جي ضلعي ٺٽي يونٽ پاران تنظيم جي ضلعي صدر خدا بخش بروهي، اسماعيل ميمڻ، ڏاهيجي ۽ مقصود جوکيو، ايچ يو جي ٽنڊو الهيار يونٽ پاران تنظيم جي مرڪزي اڳواڻ غلام رسول نهڙيو، ضلعي صدر امان الله ڪوڪر، حسرت لغاري جي اڳواڻي سميت ريجن جي سمورن ننين وڏن شهرن جي پريس ڪلبن آڏو قلم ڏئين شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ بک هڙتالي ڪئمپن لڳايون. ڪئمپن ۾ ويٺل صحافين چيو ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جا قاتل ۽ انهن جا سهولتڪار گرفتار نٿا ڪيا وڃن، تيستائين احتجاجي تحريڪ جاري رهندي.

بقايا 17 ***

محروم ٿي ويا آهن جڏهن ته گوري خريداري نه ٿيڻ سبب ٿنڪ جو بحران وڌيو به ٿي سگهي ٿو ذريعن موجب، خريداري ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين سبب ٿنڪ جي کوٽ پيدا ٿي، يوٽيليٽي اسٽورز مهانگي ٿيو سبب ويجهڙ ۾ به ٽينڊرز ڪئنسل ڪيا ۽ ڪجهه ٽينڊرز ۾ يوٽيليٽي اسٽورز کي ٻولين جو آپشن ئي نه مليو ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ٿنڪ جي خريداري لاءِ ڪوششون جاري آهن، ايندڙ هفتي چاليهه هزار ٽن ٿنڪ جو ٻيو ٽينڊر ڪوليو ويندو.

بقايا 18 ***

صدر ڊاڪٽر دلدار لغاري، مرڪزي سينئر نائب صدر ڪامريڊ غلام مصطفيٰ چانڊيو، مرڪزي اڳواڻ علي نواز ڏاهري ۽ بلاول لاشاري پنهنجي پريس بيان ۾ ڪيو آهي، اڳواڻن چيو آهي ته سڄي دنيا مان مردار جاگيرداري نظام ختم ٿي چڪو آهي پر پاڪستان جو حڪمران ٽولو پنهنجن مفادن خاطر سنڌ ۾ بيمار ۽ ڏب ڪري ويل جاگيرداري نظام کي وينٽيليٽر تي رکي دوا درمل ڪري سنڌي عوام مٿان ٿاڦيو ويو آهي ۽ سنڌ جي هاري کي ايڪيهين صدي ۾ غلامي واري حالت ۾ رکيو ويو آهي سنڌ جي هاري وٽ اڄ به رهڻ لاءِ پنهنجو گهر ناهي. پارن لاءِ تعليم ۽ صحت جي سهولت ناهي. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته 5 نومبر تي سنڌي هاري تحريڪ پاران ميرپورخاص ۾ جاگيرداري ۽ سرداري نظام خلاف شاندار ريلي ڪڍي ويندي جنهن ۾ هزارين هاري شرڪت ڪندا. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته هن وقت جڏهن لاڙ ۾ ساريون لهڻ شروع ٿيون آهن ته سيلين اڳ ڪرائڻ ۽ ناجائز ڪٽوتيون شروع ڪيون آهن. سنڌي هاري تحريڪ نگران حڪومت کان مطالبو ٿي ڪري ته سارين جو في من اگهه ساڍا چار هزار ڪيو وڃي ۽ غيرقانوني ڪٽوتي بند ڪرائي وڃي. سنڌ مان غيرقانوني رهندڙ افغانين سميت سڀني کي پنهنجي ملڪ موڪليو وڃي.

بقايا 19 ***

سعودي ڪمپني آرامڪو نومبر لاءِ ڪچي تيل جي قيمتن ۾ به سيڪڙو لاٽ ڪري ڇڏي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته آرامڪو جي قيمتن جو اثر ايران، ڪويت ۽ عراق جي تيل مارڪيٽن تي پڻ پوندو، واضح رهي ته ڪچي تيل جي قيمت ۾ لاٽ عالمي معيشت سست رفتاري ۽ گهٽ کپت جي خدشن سبب ڪئي وئي آهي، ماهرن جو خيال آهي ته عالمي منڊي ۾ اهو رجحان جاري رهيو ته پاڪستان ۾ في ليٽر قيمت ۾ واضح لاٽ ٿي سگهي ٿي.

بقايا 20 ***

زرداري ۽ محمود وٽ 5 آڪٽوبر 2022ع تي ٻئي پٽ جي پيدائش ٿي جنهن جو نالو مير سجاول محمود چوڌري رکيو ويو هو ٻين پٽ جي سالگره تي بختاور انسٽاگرام تي هڪ وڊيو جاري ڪئي آهي جنهن ۾ هوءَ سجاول کي ڪڇ ۾ کڻي پيار ڪري رهي آهي، جاءِ ايل وڊيو جي

ڪيشن ۾ هن لکيو ته سالگرهه مبارڪ هجي ۽ منهنجا سچ مير سجاول. الله تنهنجي حفاظت فرمائي ۽ هدايت ڏئي. بختاور مير سجاول جو انسٽاگرام اڪائونٽ به ٺاهيو آهي جنهن تي هوءَ ننڍڙي سجاول جون مختلف تصويرون شيئر ڪندي رهندي آهي ۽ ان اڪائونٽ تي آخري پوسٽ آصف علي زرداري جي آهي جنهن ۾ هو پنهنجي ڏوهٽي سجاول کي ڪڇ ۾ کڻي ويٺل آهي.

بقايا 21 ***

۽ فيلڊ اسٽاڪ لاءِ پاڻ مينو فيڪچرز کي في ايم ايم بي ٽي يو گئس 1580 رپين ۾ ملندي، ذريعن جو چوڻ آهي ته فيلڊ اسٽاڪ لاءِ پاڻ مينوفيڪچرز لاءِ في ايم ايم بي ٽي يو گئس 556 رپيا مهانگي ڪئي ويندي. ذريعن موجب، مينو فيڪچرز لاءِ گئس مهانگي ڪرڻ تي ناٿي، پيٽروليم ۽ صنعت ۽ پيداوار واري وزارت کم شروع ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته پاڻ مينو فيڪچرز لاءِ گئس قيمتن ۾ واڌ ته آءِ ايم ايف اقتصادي جائزي کان پهريان ٿيندي.

بقايا 22 ***

ٻين جون نيب خلاف درخواستون اڪلائي ڇڏيون. گذريل ڏينهن اڳوڻي صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا گرفتاري کان بچڻ لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ مان پڪي ضمانت ڪرائي ورتي هئي. مڪيش ڪمار چاولا ۽ ٻين جوابدارن خوراڪ کاتي جي ڪرپشن جي انڪوائري دوران گرفتاريءَ جو خدشو ظاهر ڪيو هو.

بقايا 23 ***

. مينڊ آديو ۽ يوٿيو ۽ روهت شرما نالي پارٽي شهري پاڪستان جي سيڪيورٽي معاملن تي گفتگو ڪري رهيا آهن. سيبنا آديو ۽ پارٽي شهري روهت شرما چيو ته شايد وفاقي ڪابينا ايمرجنسي لڳائڻ جي پئي چيو آهي، اهو ڪنفرم ناهي. جنهن تي يوٿيوبر چيو ته نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ چيئرمين جوائنٽ چيف، ايئر چيف ۽ نيول چيف حڪم مڃڻ کان انڪار ڪري رهيا آهن. جنهن تي پارٽي شهري چيو ته پاڪستان آرمي ٽيڪ اوور ڪري سگهي ٿي. مون کي اهڙيون خبرون ملي رهيون آهن. ان تي يوٽيوبر چيو ته هو (پاڪ آرمي) ڏمڪي ضرور ڏئي رهي آهي ته ٽيڪ اوور ڪرڻو آهي، هو اها ڌمڪي سپريم ڪورٽ کي ڏئي رهيا آهن ته اسان ٽيڪ اوور ڪري وٺنداسين ۽ آرمي چيف جو پلان به آهي ته هو ڪنهن طريقي سان ٽيڪ اوور ڪري وٺي. ٻئي پاسي دفاعي تجزيي نگران گفتگو کي ڪل جوڙ قرار ڏيندي چيو ته يوٽيوبر جا پارٽي ايجنسي را سان رابطا آهن. تجزيي نگران چيو ته برطانوي سرڪار سندس خلاف ايڪشن وٺڻ گهرجي.

بقايا 24 ***

هجڻ جو الزام انتهائي سنجيده آهي. ڀارت کي هرديپ سنگهه جي قتل جي جاچ ۾ ڪئنيڊا سان سهڪار ڪرڻو پوندو آهي. ڀارت پرڏيهي کاتي جي ترجمان جوچوڻ آهي ته خالصتان لاءِ سکن جي تحريڪ ۽ احتجاج کي آمريڪا جي حمايت حاصل آهي، آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان جواهو به چوڻ آهي ته آمريڪا ۾ رهندڙ هر شهري کي اظهار جي آزادي حاصل آهي.

بقايا 25 ***

ڪيو ويو آهي ته افغانستان مان حاصل ٿيندڙ آفيم دنيا جي ڪيترن ئي خطن ۾ ماڻهن جي صحت ۽ خوشحالي لاءِ خطرو آهي، رپورٽ موجب آفيم جو اپاءُ افغانستان جي پاڙيسري ملڪن جي سلامتي، استحڪام ۽ ترقي کي متاثر ڪري رهيو آهي، رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته افغانستان ۾ 5 لک کان وڌيڪ ماڻهو منشيات جا عادي آهن، گڏيل قومن جي آفيس آن ڊرگس اينڊ ڪرائم جي رپورٽ موجب افغانستان ۾ 2022ع کان وٺي آفيم جو پيداوار ۾ 32 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي، آمريڪي ميڊيا جي رپورٽن موجب افغانستان ۾ آفيم جو ڪاروبار 425 ملين ڊالرن مان وڌي 1.4 ملين ڊالر ٿي ويو آهي، ميڊيا رپورٽن موجب افغانستان ۾ 233000 هيڪٽرن کان وڌيڪ زمين تي آفيم جي پوک ڪئي ويندي آهي، گڏيل قومن جي آفيس آن ڊرگس اينڊ ڪرائم موجب عالمي مارڪيٽ ۾ 80 سيڪڙو آفيم افغانستان مان اسمگل ٿيندي آهي، رپورٽ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته سڀ کان وڌيڪ آفيم نمروز، قندار، هلمند، اروزگان ۽ زابل ۾ پوکي ويندي آهي.

بقايا 26 ***

ليارڻي جي علائقي لياقت ڪالوني ۾ عورت پوليو ورڪر کي هراسان ڪرڻ جو واقعو ٿيو پوليو ٽيم رهائشي عمارت ۾ داخل ٿي، جتي پنجين منزل تي موجود ڪجهه ماڻهن عورت کي هراسان ڪيو واقعي بعد هڪ شخص کي ٿڏي تي گرفتار ڪيو ويو آهي، شروعاتي طور تي خبر پئي آهي ته ٽيم سان سيڪيورٽي موجود نه هئي، ان حوالي سان جاچ ڪئي پئي وڃي ته سيڪيورٽي پوليو

ورڪرز ٽيم سان گڏ ڇو نه هئي، پوليو ورڪر عورت کي هراسان ڪندڙ شخص کي گرفتاري ڪيل ڪلري ٿاڻي منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 27 ***

اڳ واري عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي آهي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سکر جي عدالت 50-50 هزار روپين جي مچلڪن عيوض ضمانت منظور ڪئي جي 19 سيپٽمبر تي رهبر ڪميٽي جي سڏ تي قومپرست اڳواڻن پاران سکر پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي ئي سنڌن خلاف بغاوت ۽ ٻين الزامن هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو هو نياز ڪالاڻي، رياض چانڊيو، پنهل ساريو ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن خلاف احتجاج ڪرڻ تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو

بقايا 28 ***

ورتو، ايم ڪيو ايم جي ڪارڪن عبيد ڪي ٽو جي ضمانت واري درخواست جي ٻڌائي دوران اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر رانا خالد ٻڌايو ته جوابدار عبيد ڪي ٽو جي خلاف دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ ٽرائل جاري آهي اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر رانا خالد حسين عدالت کي ٻڌايو ته ڪيس جو اهم شاهد رينجرز اهلڪار رٽائرڊ ٿي ويو آهي، گذريل ٻڌائي تي دير ٿيڻ سبب شاهد جو بيان رڪارڊ نه ٿي سگهيو هن چيو ته 9 آڪٽوبر تي جوابدار عبيد خلاف شاهد جو بيان رڪارڊ ٿيڻ جو امڪان آهي اسپيشل پبلڪ پراسيڪيوٽر رانا خالد حسين عدالت کي استدعا ڪئي ته شاهد جو بيان رڪارڊ ٿيڻ تائين ضمانت واري درخواست جي ٻڌائي ملتوي ڪئي وڃي، بعد ۾ عدالت جوابدار عبيد جي ضمانت واري درخواست جي ٻڌائي 2 هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي، پوليس موجب جوابدار 1998ع ۾ پنهنجي ساٿين سان گڏجي لياقت آباد ۾ فائرنگ ڪري رينجرز اهلڪار دلدار کي قتل ڪيو هو

بقايا 29 ***

سنڌس ملازم 55 لک 50 هزار رپيا کڻي گهر مان نڪتا ته رستي ۾ ٻن موٽرسائيڪل تي سوار 4 ڄڻن گن پوائنٽ تي سندن گاڏي کي روڪيو ۽ پوليس جي وردي پهريل ٻن ڄڻن چيو ته ڊي ايس پي مغل پورا ڪيس ڳهرائي رهيو آهي ۽ رستي ۾ هنن هٿڪڙيون هڻي روڪ رقم کسي ڪلٽس ڪار ۾ ويهي فرار ٿي ويا.

بقايا 30 ***

سنڌ دشمن منصوبن خلاف 8 آڪٽوبر تي حيدرآباد جي باءِ پاس وٽ سنڌ بچايو ملڪ بچايو جلسي عام کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد جي آس پاس وارن علائقن جا دورا ڪري دعوت ڏنيون. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ترجمان اشرف پليجو رفيق ڪنراڻي حيدرآباد جي صحافين، سول سوسائٽي جي اڳواڻن کي دعوتون ڏنيون. سڄي سنڌ ۾ پنج لک کان مٿي هيند بل ورهايا ويا آهن. قاسم آباد ۽ ٻرپاسي وارن علائقن ۾ جهنڊن ۽ وال پوسٽرن سان سينگاري ويو آهي جلسي لاءِ مختلف ڪميٽيون جوڙيون ويون آهن جلسي جون تياريون مڪمل ڪيون ويون آهن. قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو ته اقتدار حاصل ڪرڻ جي هن جنگ ۾ سنڌ جي حقن ۽ اختيارن جو سودو ڪرڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏينداسين. سنڌ جي ماڻهن کي هڪ دفعو ٻيهر سنڌ بچائڻ لاءِ هڪ منظم تي جدوجهد ڪرڻ جي ضرورت آهي پيپلز پارٽي اقتدار لاءِ سنڌ جي وحدت کي داءِ تي لڳائي ڇڏيو آهي، پيپلز پارٽي اقتدار جي عارضي مفادن لاءِ سنڌ جي پٺ ۾ خنجر هنيا. 15 سالن کان جاري ب ب جي گذريل حڪومتن سنڌ کي ڪنگال بڻائي ڇڏيو سنڌ دشمن پيپلزپارٽي ۽ زرداري مافيا آڏو ايندڙ اليڪشن ۾ جدوجهدن ۾ مضبوط ۽ جاندار ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اياز لطيف پليجو چيو ته سنڌ ۾ مهانگائي عروج تي آهي، جنهن ڪري مزدور پورهيت ۽ هاري غربت ۽ بدحالي جو شڪار آهي ناجائز مهانگائي جي ڪري غريب عوام لٽجي رهيو آهي سنڌ حڪومت عوام کان لاتعلق بڻجي وئي آهي، ناجائز منافعي خور مافيا ناجائز فائدو وٺي هر شئي جا اگهه آسمان تي پهچائي ڇڏيا آهن ڪنهن ۽ شئي تي ڪنٽرول ناهي ۽ بي پناهه مهانگائي وڌي وڃي ٿي مهانگائي عروج تي آهي. جنهن ڪري مزدور پورهيت ۽ هاري غربت ۽ بدحالي جو شڪار آهي سنڌ حڪومت عوام کي بک بدحالي کان سواءِ ڪجهه نه ڏنو آهي ماڻهو هڪ وقت جي ماني ڪائڻ لاءِ به پريشان آهي. اياز لطيف پليجو چيو ته ماڻهن کي بنيادي انساني حق تڏهن حاصل ٿي سگهن ٿا جڏهن اسان جي ملڪ جون پاليسيون تبديل ٿينديون. عالمي طاقتن جي هدايتن تي هلڻ بدران پنهنجون خودمختيار پاليسيون جوڙڻيون. انهي پاليسي ۾

مستحڪم معيشت، تعليم، سائنس، صحت، ميرٽ ۽ ترقي هوندي، پوءِ غربت اسان لاءِ وڏو مسئلو نه رهندي، اسين دنيا جا خوشحال ۽ ترقي يافته ملڪ ۽ قوم بڻجي سگهون ٿا. اياز لطيف پليجي چيو ته پاڪستان ۾ برابري وارو جمهوري نظام گهرجي قدرتي وسيلن تي ڪمائي جو پهريون حق مالڪ صوبي ۽ انهن علائقن جو آهي اڪثريت جي نالي ۾ سنڌ جي تيل، گئس، ڪوئلي، زمين، پاڻي ۽ ٻين وسيلن کي مال غنيمت ڪري لٽيو پيو وڃي سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ بيروزگاري، سڀ کان وڌيڪ غربت، سڀ کان وڌيڪ بدحالي، سڀ کان وڌيڪ ڪرپشن سڀ کان وڌيڪ ڏوهه، لاقانونيت، ناانصافي ۽ حڪمرانن جي بي حسي آهي.

بقايا 31 ***

سان ڳالهائيندي سليم مانڊوي والا چيو ته هن وقت رڳو پيپلز پارٽي چوندي گهرائي رهي آهي، سمورين پارٽيون گڏجي روڊ ميپ تي ڪم ڪن. هن چيو ته ٻي ڊي ايم جو مختصر وقت ۾ ڪو حل ناهي، پاڪستان جي معاشي ايجنڊا کي خراب نه ڪرڻ گهرجي، اسان جا مسئلا ايترا وڏا نه آهن جو حل نه ٿين. پيپلز پارٽي جي سينيٽر اڳواڻ چيو ته پاڪستان کي چارٽر آف اڪانومي جي ضرورت آهي. انتظاميا جي قدمن سبب ڊالر مارڪيٽ ۾ آيو هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه پاڪستان جي مفاد ۽ عوام جي مفاد جي ڳالهه ڪندي آهي. پاڪستان ۾ مهانگائي تمام گهڻي آهي، ملڪ ۾ معاشي استحڪام ضروري آهي، سليم مانڊوي والا جو چوڻ هو ته مسئلا حل ڪرڻ لاءِ عزم جي ضرورت آهي، ڪنهن حڪومت تي الزام هڻڻ نه ٿو چاهيان، حڪومت ناهڻ لاءِ اليڪشن وڙهنداسين، هن چيو ته پاڪستان ۾ هر هنڌ تان اليڪشن وڙهنداسين ۽ اليڪشن وڙهڻ هر پارٽي جو حق آهي پر چوندون شفاف ٿيڻ گهرجن ب ب جي سينيٽر اڳواڻ اهو به چيو ته سياسي اتحاد جي ڳالهه اجا وقت کان اڳ آهي.

بقايا 32 ***

جي جلد فيصلي جي متفرق درخواست تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ٻڌائي ڪئي، ان سلسلي ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان وڪيل شير افضل مروت ايڊووڪيٽ پيش ٿيو ٻڌائي دوران پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل موقف اختيار ڪيو ته سائفر ڪيس جو جيل ٽرائل شروع ٿي چڪو آهي پر اسان جي درخواست تي فيصلو ناهي آيو، سومر تي وري جيل ۾ ٻڌائي لاءِ سائفر ڪيس مقرر آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو ته جيل ٽرائل ۽ جج جي مقرريءَ خلاف پي ٽي آءِ جي درخواست تي فيصلو ٻڌايان کان محفوظ آهي. سومر تائين نه پر ٻن ٽن ڏينهن اندر فيصلو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. چيف جسٽس عامر فاروق جو وڪيل شير افضل مروت سان مڪالمو ڪندي چوڻ هو ته هڪ ڳالهه ٻڌايو ميڊيا ۾ خبرون هلي رهيون آهن ته اڊيالا جيل منتقلي تي اوهان کي اعتراض آهي، اوهان جي پنهنجي پٽيشن اٽڪ کان اڊيالا جيل منتقلي جي هئي ۽ اها منظور ٿي، پوءِ اهو ميڊيا ۾ اوهان جي طران ايڏو بحث ڇو هلي رهيو آهي؟ شير افضل مروت ايڊووڪيٽ چيو ته اسان جي طرفان آفيشل طور اهڙو ڪو بيان ناهي ڏنو ويو وڪيل شير افضل مروت چيو ته اسان کي اها خبر هئي ته اڊيالا جيل ۾ بي ڪلاس ڏنو ويندو پر نه ڏنو ويو. جنهن تي جسٽس عامر فاروق چيو ته بهتر ڪلاس ملندو، ڪوسا صاحب جي ڪالهه واري پٽيشن تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا 33 ***

عزيز صحافت جي شروعات حيدرآباد مان جاري ٿيندڙ اخبار روزاني ڪاروان کان 1958ع ۾ ڪئي. جنهن بعد هو عبرت ۽ سنڌ نيوز اخبار جو ايڊيٽر بڻيو بعد ۾ هو ڪراچي منتقل ٿيندڙ اردو اخبارن جنگ ۽ حريت ۽ مئگزين ايڊيٽر طور ڪم ڪيو ۽ آخر ۾ وڏو عرصو انگريزي اخبار روزاني ڊان سان سلهاڙيل رهيو سندس قلم جمهوري تحريڪن خاص طور تي ايم آر ڊي دوران اتساهه جو سبب بڻيو شيخ عزيز سال 2010ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو وائيس چيئرمين پڻ رهيو. شيخ عزيز سنڌ يونيورسٽي جي ماس ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ڪجهه ورهيه وزٽنگ پروفيسر طور پڙهايو ان دوران يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ عملي صحافت نالي ڪتاب لکيائون جيڪو اڄ تائين سليبس جو حصو آهي. مرحوم شيخ عزيز ڪيترن ئي سنڌي، انگريزي ۽ اردو ڪتابن جو مصنف پڻ آهي. هن لاتعداد تجزيا، ڪالم ۽ فيچر پڻ لکيا. شيخ عزيز کي سنڌي توڙي پرڏيهي موسيقيءَ بابت وڏي ڄاڻ هئي، هن موسيقي جي موضوع تي پڻ ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکيا. سنڌن آخري ڪتاب ۽ سنڌ جي قديم ساز چنگ بابت لکيل آهي جيڪو سندن وفات کان پوءِ 2020ع ۾ شايع ٿيو شيخ عزيز جو لاڏانو 2018ع ۾ دل جو دورو پوڻ سبب ٿيو

ٽنڊو محمد خان ۾ بجلي جي چوري خلاف آپريشن

مختلف علائقن مان 1100 بجلي جا غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا

لوڊشيڊنگ جي سلسلي کي شيڊول تحت گهٽائڻ جو سلسلو شروع

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ بجلي جي چوري خلاف آپريشن، 1100 غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا. ٽنڊو محمد خان ۾ بجلي جي چوري جي خلاف آپريشن جي سلسلي کي جاري رکندي مختلف علائقن مان 1100 بجلي جا غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽي بوگس ميٽرن کي لاٿو ويو، بجلي جي چوري جي الزام تحت ٽرانسفارمرن جون لنڪون لاٿيون ويون. حيسڪو جي ايڪسن محمد ابراهيم ڪيريو ٻڌايو ته بجلي جي چوري جي خلاف حيسڪو طرفان بجلي جي چوري جي مڪمل خاتمي تائين ۽ رهيل بقاياڻون حاصل ڪرڻ تي ٽارگيٽ مڪمل ڪرڻ جي بعد آپريشن ختم ڪيو ويندو. جن علائقن مان بجلي جي چوري ختم ٿيندي انهن علائقن ۾ لوڊشيڊنگ جو سلسلو پهرين مرحلي ۾ ختم ڪيو ويندو، علائقي مان ڀهريون ڀيرو رڪارڊ وصولي جي بعد لوڊشيڊنگ جي سلسلي کي شيڊول تحت گهٽائڻ جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي.

***

ٽنڊو محمد خان جي ايس ايس پي آفيس ۾ جشن ميلاد جي سلسلي ۾ پروقار تقريب

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ايس ايس پي آفيس ۾ جشن ميلاد جي سلسلي ۾ پروقار تقريب، پوليس ڊپارٽمينٽ جي اهلڪارن نعت خواني ۾ حصو ورتو. خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ ڀهريون ڀيرو ايس ايس پي سيد سليم شاه طرفان جشن ميلاد جي سلسلي ۾ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ مذهبي عالمن جشن ميلاد جي ڀلاري مهيني ۾ سرور ڪائنات محسن انسانيت حضرت محمد مصطفیٰ جي سيرت مبارڪ تي عقيدت جا گل نڇاور ڪيا. پوليس اهلڪارن نعت خواني ۾ حصو ورتو. تقريب ۾ پوليس ڊپارٽمينٽ جي اهلڪارن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بدين: هاءِ ويز کاتي جي ڊسٽرڪٽ انجنيئر سميت کاتي جي اسسٽنٽ انجنيئرن سميت آفيس سپرنٽينڊنٽ غائب

بدين (رپورٽ مرتضیٰ ميمڻ) هاءِ ويز کاتي جي ڊسٽرڪٽ انجنيئر سميت کاتي جي اسسٽنٽ انجنيئرن سميت آفيس سپرنٽينڊنٽ گذريل ڇهن مهينن کان ڊيوٽين تان غائب ۽ کاتي جو سمورو ڪاروهنوار ڪراچي ۽ حيدر آباد بنگلن تي ويهي هلائڻ لڳا اسٽاف سميت ڪم ڪارين لاءِ ايندڙ ماڻهو سخت پريشان ان سلسلي ۾ جمع جي ڏينهن هائي ويز امپلائز يونين سي بي اي جي گڏجاڻي ڊويزنل صدر علي نواز ڪوسو جي صدارت ۾ ٿي جنهن ۾ چيو ويو ته ايگزيڪيوٽو انجنيئر پنهنجين آفيسن ۾ ڊيوٽيون نٿا ڪن آفيسون ويران آهن جنهن ڪري مسلسل ملازمن جا جائز مسئلا حل نٿا ٿين هن چتاءُ ڏنو ته 12 آڪٽوبر کان اڳ ملازمن جا مسئلا حل ڪري انهن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو جيڪو اسان جو قانوني حق آهي جنهن تحت راتي باغ کان چيف انجنيئر آفيس حيدرآباد تائين 12 آڪٽوبر تي ريلي ڪڍي ويندي جنهن ۾ پوري سنڌ مان وڏي انگ ۾ يونين جا عهديدار شرڪت ڪندا ان موقعي تي سي بي اي يونين جي ڊويزنل جنرل سيڪريٽري جمال لاکو نائب صدر محمد جمن خاصخيلي سلطان چانگ گلزار رستماڻي يار محمد ڀٽو عمران خاصخيلي محمد عمر سمون فقير علي حسن حبيب الله چانگ نذير ملاح عبيدالله جوڻيجو الهڏنو لنڊ شاهنواز قمبراڻي رمضان سومرو ڪانسواءِ سنڌ جو مشهور فنڪار اڪبر شاه ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ٻئي طرف ورڪس اينڊ سروس کاتي بدين جي ذريعي ٻڌايو ته کاتي جو ايس اي سميت کاتي جا آفيسر ۽ اسٽاف به صرف جون جي مهيني ۾ آفيس ايندا آهن آفيس جو سمورو ڪار وهنوار هائي ويز بدين جو هيڊ ڪلارڪ جيڪو ورڪس ۽ سروس کاتي جو ٽي ڏينهن اڳ بدلي تي ويل سيڪريٽري جو خاص ويجهو آهي کي غير قانوني ايڊيشنل چارج ڏيئي ان جي حوالي ڪيو ويو آهي هن ذريعي ٻڌايو ته هائي ويز کاتي ۽ ورڪس اينڊ سروس جو سمورو رڪارڊ به ان هيڊ ڪلارڪ جي حوالي آهي ياد رهي ته هائي ويز کاتي جي انجنيئر عبدالسلام ميمڻ جيڪو پ پ پ جي اڳوڻي صوبائي وزير جو سڄو هٿ سڏيو وڃي ٿو تي ۽ ورڪس اينڊ سروس کاتي جي ايس اي امير بخش راهپوٽو ۽ ڊسٽرڪٽ ڊوليمنٽ کاتي جي اڪائونٽ اسسٽنٽ ڦوٽو ڪوڪر تي هڪ ٺيڪيدار مشتاق ميمڻ طرفان اينٽي ڪرپشن حيدرآباد سرڪل جي عدالت ۾ ڪرپشن داخل ڪيس پڻ هلندڙ آهي ۽ اڄ ڇنڇر ڏينهن 7 آڪٽوبر تي هنن جي ان عدالت ۾ پيشي پڻ آهي

***

بدين ٽنڊو باگو ٽڪڙ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا سخت زخمي

بدين (رپورٽ مرتضیٰ ميمڻ) بدين ٽنڊو باگو ٽڪڙ تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر جي نتيجي ۾ ٻه ڄڻا سخت زخمي ڪين نازڪ حالت ۾ حيدرآباد نيو ويو تفصيل موجب بدين پرسان ٽنڊو باگو روڊ تي ٽڪڙ بس اسٽاپ وٽ ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڪڍڻ روڊ جو رهواسي محمد حسن ڪلهوڙو ۽ ڪار ۾ سوار ٽنڊو باگو جو رهواسي اڪبر علي ولد اصغر ڪڇي سخت زخمي ٿي پيا ڪين رستي تان گذرندڙن ڪڻائي انڊس اسپتال پهچايو جتان ڪين نازڪ حالت ۾ حيدرآباد نيو ويو آهي بدين پوليس گاڏين کي تحويل ۾ علي وڏيڪ جانچ ڪري رهي آهي

***

ريو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا	سنڌيار	40

سيڪريٽري فنانس جو ڪليل ڪچهري کي خطاب سکر ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس غلام علي سومرو چيو آهي ته سرڪاري رٽائرڊ ملازمن جي پينشنن سميت ٻين معاملن کي جلد کان جلد اڪلايو وڃي اهڙو اظهار هن نگران وڏي وزير جي هدايتن تحت اڪائونٽ آفيس سکر ۾ رٽائر ملازمن جي پينشن ۽ ٻين لڳاپيل معاملن بابت منعقد ڪيل کليل ڪچهري کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر، ڊي اي جي ٽريزري اقبال احمد شيخ، اسسٽنٽ اڪائونٽ جنرل سنڌ شهريار خان ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر حضور بخش ميمڻ ۽ ايڊيشنل اڪائونٽ آفيسر سکر اعجاز احمد ميمڻ موجود هئا. ان موقعي تي ايڊيشنل سيڪريٽري فنانس غلام علي سومرو آفيسرن کي هدايتون جاري ڪندي چيو ته اهي پينشنرن کي سموريون گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻائين.

آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
تعلقہ هاسپٽل ٽنڊو باگو

REF: THQT-Bago/TENDER(Acc)/1186 Dated: 05.10.2023

ٽينڊرز گهرائڻ لاءِ نوٽيس

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ تعلقي اسپتال ٽنڊو باگو ضلعي بدين هيٺي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل شق تحت هيٺين حصن لاءِ دلچسپي وٺندڙن کان سيل ٿيل بڊ جي دعوت ڏئي ٿو
ٽينڊر انڪوائري جو مڪمل سيٽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ تعلقي اسپتال ٽنڊو باگو جي آفيس مان خريد ڪري سگهجي ٿو. پڻ اختيارين جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو بوليون لازمي طور تي جمع ٿيڻ جي تاريخ تي جمع ڪرايون وڃن: 23.10.2023 تي 01:30 وڳي تائين، جيڪي بولي ڏيندڙ ۽ انهن جي نمائندن جي موجودگي ۾ عوامي طور تي کوليا ويندا جيڪي 12:30 وڳي تي آفيس جي آفيس ۾ شرڪت ڪندا. ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ تعلقي اسپتال ماتلي ضلعي بدين ۾. سڀئي بوليون لازمي طور تي بڊ سيڪيورٽي سان گڏ هجڻ گهرجن جيئن پي آرڊر جي شڪل ۾ ٽينڊر دستاويزن تي ذڪر ڪيو ويو آهي.
خريداري کي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به/سڀني بولين کي ملتوي ڪرڻ/ قبول ڪرڻ/ رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

استورز جي وضاحت	1_ڊائيٽ	مذڪوره شين جي ٽينڊر جي لاڳت جي في نه ورڻ جوڳي 2000/_ روپيا
ٽينڊر دستاويز وڪرو ڪرڻ جي تاريخ	ٽينڊر جي پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ اشاعت کان 06.10.2023	
ٽينڊر وڪرو ڪرڻ جي آخري تاريخ	21.10.2023	
ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي تاريخ	23.10.2023 (12:30 وڳي)	
کولڻ جي تاريخ	23.10.2023 (01:30 وڳي)	
ٽينڊر کولڻ جو هنڌ	آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ تعلقہ هاسپٽل ٽنڊو باگو ڊسٽرڪٽ بدين	

اهل بولي ڏيندڙ کي هڪ صحيح NTN سرٽيفڪيٽ هجڻ گهرجي، گذريل ٽن سالن دوران لاڳاپيل فيلڊ / سپلائي ۾ تجربو، گهٽ ۾ گهٽ رقم جي واپار جي رقم. گذريل ٽن سالن دوران 2_ملين ۽ اهي دستاويز پيش ڪيا وڃن. ٽينڊر دستاويزن سان گڏ هڪ اسٽيج ٻن لفافن ۾ (سيپريٽ ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل بڊ لفافو) سان گڏ. بڊ سيڪيورٽي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، پي آرڊر / مطالبو جي شڪل ۾. هيٺ ڏنل دستخط جي حق ۾ مسودو.
حڪومتي پاليسي، تحت قابل قبول سڀ قيمتون سڀني ٽيڪسن ۾ شامل هجن.
پروڪيورمينٽ ايجنسي ايس پي پي رولز 2010 (ترميمي 2017) جي لاڳاپيل شقن جي تابع ٽينڊر کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ۽ ايس پي پي رولز 2010 جي قاعدي 25 جي مطابق ڪانٽريڪٽ ڏيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت ٽينڊر کي رد ڪري سگهي ٿي.
اهم:
7. حڪومت سرڪاري موڪل جو اعلان ڪندي ته پوءِ ان صورت ۾ ٽينڊر جمع ڪرايو ويندو ۽ ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليو ويندو.
8. سڀني NIT ۾ سرڪاري ٽيڪس شامل آهن جن ۾ پروفيشنل ٽيڪس، GST، SRB ۽ ٻيا شامل آهن جيڪڏهن لاڳو ٿئي.
9. هن NIT بابت معلومات SPPRA جي ويب سائيٽ www.pprasindh.gov.pk ۽ سنڌ حڪومت جي ويب سائيٽ www.sindh.gov.pk تان به ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي.

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
تعلقہ هاسپٽل
ٽنڊو باگو

INF/KRY#4168/2023

پڙهندي سنڌ ته ... وڌندي سنڌ

بقايا	سنڌيار	01

پاسن کان ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ بيهجي وئي. ياد رهي ته چانور جي فصل جي پوکائي کانپوءِ هر سال جيان سارين جي واپارين ۾ موجود مافيا جي قبضي سبب هن سال به سارين جي فصل لهڻ کان پوءِ ضلعي جي سارين جي واپارين پاران زميندارن کي فصل جو اصلي اگهه ڏيڻ بدران اگهه گهٽايو پيو وڃي جنهن جي ڪري نندن زميندارن ۽ هارين کي نقصان ڏيڻ وارو سلسلو جاري آهي سارين جي آبادگارن جو چوڻ آهي ته هن سال به واپارين پاران 4500 رپيا في مڻ چانور جي قيمت ڏيڻ بجاءِ 3000 رپيا في مڻ تي واپاري مافيا ساريون خريد ڪري رهي آهي جيڪو هڪ غير قانوني عمل آهي ان موقعي تي احتجاج ڪندي آبادگارن ۽ هارين جو چوڻ هو ته غيرقانوني ڪٽوتي ختم ڪري ننڍن هارين جو استحصال بند ڪيو وڃي ۽ سارين جي في مڻ جو اگهه 4500 رپيا في مڻ مقرر ڪيو وڃي، هنن مطالبو ڪيو ته چانورن جي واپاري مافيا کي قابو ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ پوک جو سلسلو بند ٿي سگهي ٿو جنهن جي ڪري ايندڙ سال چانورن جي فصل ۾ وڏي حد تائين گهٽتائي ٿي سگهي ٿي جنهن سبب مهانگائي به وڌي سگهي ٿي.

بقايا	سنڌيار	02

کيماڙي جنيد اقبال خان جو چوڻ هو ته اسسٽنٽ ڪمشنر ماڙيپور کي ڪجهي اطلاع تي شهر جي مختلف گدامن تي ڇاپو هڻي هزارين کنڊ جون ٻوريون هٿ ڪري ورتيون جنهن مان پنج هزار ذخيرو ٿيل کنڊ جون ٻوريون اسسٽنٽ ڪمشنر حوالي ڪري عوام کي ڏنيون پيون وڃن سنڌس چوڻ هو ته ته عوام کي پريشان ڪرڻ لاءِ هٿرادو ڪاڏي پيتي جي شين جي ڪوٽ پيدا ڪئي پئي وڃي ته جٿين شيون ذخيرو ڪري سگهجن ڪنهن کي به کاڌي پيتي جي شين جو ذخيرو ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي ڊپٽي ڪمشنر کيماڙي چيو ته ڊي سي آفيس جا دروازا عوام جي لاءِ کليل آهن ڪنهن سان به ناانصافي ٿيڻ نه ڏيندا هن چيو ته هو پاڻ اوچتو ڇاپا هڻي منعافي خورن خلاف ڪاروائي ڪندا

بقايا	سنڌيار	03

ته ايندڙ چونڊن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان جو ايندڙ وزيراعظم هوندو. هن چيو ته ڪورنگي پاڪستان پيپلز پارٽي جو گڙهه ۽ ڪورنگي جو عوام پاڪستان پيپلز پارٽي سان محبت ڪري ٿو سنڌس چوڻ هو ته ڏرهن ۾ اڪثر پرڏيهي ملوث نظر اچن ٿا. سائين بخش بنگلاڻي چيو ته پاڪستان محبت ڪندڙ ملڪ آهي. ڪجهه دشمن اسان جي ملڪ خلاف سازشون ڪري رهيا آهن پاڪ فوج دشمنن جي سازشن کي ناڪام بڻائيندي

بقايا	سنڌيار	04

۾ ڪيترن مذهبي اڳواڻن ۽ گهوٽن ۽ ڪنوارين ۽ سندن وارثن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي. تقريب ۾ تعلقہ پريا، تعلقہ مورو ۽ تعلقہ نوشهروفيروز جي مختلف ڳوٺن سان تعلق رکندڙ جوڙن جا نڪاح مذهبي عالمن سڳورن پڙهيا. اجتماعي شادين جي تقريب کي محمد يوسف حسيني، سيد علي نقي ڪاظمي، اعجاز ممناڻي، ضلعي صدر عرفان علي جنڊ، حامد علي اصغري، سيد امتياز بخاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته مختلف سماجي تنظيمن